# چانھونءَ مٿان چنڊ

(شاعري)

علي نواز ڏاهري

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر







# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چانھوڻ مٿان چنڊ“** اوھان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ھي ڪتاب **علي نواز ڏاھريءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آھي. ساجد سنڌي لکي ٿو:

”اکين ۾ الماس جو ورد پچاريندي لطيفي راھ جو راھي علي نواز ڏاھري بہ شاعريءَ جي روايتي پيچرن کي اورانگھي پنھنجا نوان رستا ۽ گس ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آھي ۽ ان ۾ ھن ڪيتري ڪاميابي ۽ سڦلتا ماڻي آھي، ان اندازو سندس ھن ڪوتا ڪتاب ”چانھوڻ مٿان چنڊ“ کي پڙھي با آساني لڳائي سگھجي ٿو. سنڌي شاعريءَ جي ڏکڻي کيپ ۾ ھن ڪويءَ جون ڪوتائون حساس دلين جي احساس کي ڇھڻ جي ڀرپور سگھہ رکن ٿيون.“

ھي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ پياري ساجد سنڌيءَ جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com







**ڪتاب نمبر 43**



**ھن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**



ڪتاب جو نالو: چانھوڻ مٿان چنڊ
موضوع: شاعري
شاعر: علي نواز ڏاھري
ڇاپو پھريون: جنوري 2017ع
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: آفتاب احمد ھنگورو
ٽائيٽل: شاھزيب ميمڻ
ڪيليگرافي: احمد نواز ڏاھري
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گھٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966
ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

**ملھہ: 250 روپيا**

**Chanhoon mathan Chand**
**(Poetry)**
**By: Ali Nawaz Dahri**
**Sambara Publication Hyderabad**
**03003513966**


**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

پٽائي ڪتاب گھر حيدرآباد. فڪشن ھائوس حيدرآباد، ادبي بورڊ بڪ اسٽال تلڪ چاڙھي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گھر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بڪ ھائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بڪ اسٽال ڄامشورو. رابيل ڪتاب گھر لاڙڪاڻو، مھراڻ ڪتاب گھر لاڙڪاڻو. وسيم ڪتاب گھر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گھر سکر. تھذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گھر مٺي. الفتح نيوز ايجنسي سکر.





www.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. پبلشر نوٽ | ساجد سنڌي | 06 |
| 2. ليکڪ پاران | علي نواز ڏاھري | 07 |
| 3. مهاڳ | وسيم سومرو | 10 |
| 4. واھ! ڏاھري تُنھنجي ذات!! | عبدالحڪيم ”ارشد“ | 17 |
| 5. پريَنءَ جي پيارَ جون چاندون...! | ماڻڪ ملاح | 19 |
| 6. تتل تامون | ساحر راھو | 26 |


## شاعري


| | |
|---|---|
| 7. بيت | 27 |
| 8. وايون | 42 |
| 9. هائيڪا | 66 |
| 10. پنجڪڙا | 71 |
| 11. نظم | 80 |
| 12. غزل | 114 |






# پبلشر نوٽ

چنڊ جي سمائي چانھوڻ جي ڏڙي متان ڪيتري سونهين ٿي ان جا اولڙا علي نواز ڏاھري جي شاعريءَ ۾ بخوبي پسي سگهجن ٿا. علي نواز ڏاھري جي هن پھرين شعري مجموعي ”چانھوڻءَ متان چنڊ“ ۾ موجود شاعريءَ جون مختلف صنفون سندس داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جي اهڙي احساساتي نچوڙ سان سرشار آهن، جن ۾ سونهن، سوپيا ۽ سچ جو عنصر تي شامل آهي ئي آهي پر ڌرتيءَ جي درد ۽ پرت جي پنڌ جا به داستان انوکي نموني بيان ڪيل آهن، خاص طور سندس غزلن کان علاوه بيت ، نظم ۽ وايون دلفريب منظر نگاري ۽ وڇوڙي جي ورلاپ جو حسين مظهر آهن، سندس بيان ڪيل لفظن جي رواني ۽ رچاءُ جو چس پاڻمرادو من جي اونهائين کي چاشني بخشي ٿو.

اڪين ۾ الماس جو ورد پچاريندي لطيفي راھ جو راهي علي نواز ڏاھري به شاعريءَ جي روايتي پيچرن کي اورانگهي پنهنجا نوان رستا ۽ گس ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان ۾ هن ڪيتري ڪاميابي ۽ سڦلتا ماڻي آهي، ان اندازو سندس هن ڪوتا ڪتاب ”چانھوڻءَ متان چنڊ“ کي پڙهي با آساني لڳائي سگهجي ٿو. سنڌي شاعريءَ جي ڏکي کيپ ۾ هن ڪويءَ جون ڪوتائون حساس دلين جي احساسن کي ڇهڻ جي ڀرپور سگهه رکن ٿيون، اميد ته سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران علي نواز ڏاھري هن پهرين مجموعي جي اشاعت پڻ سنڌي ادب به نه فقط واڌ جو سبب بڻبي پر نئين ٽهيءَ جي شاعرن کي وڌيڪ سهڻو لکڻ لاءِ اتساھ پيدا ڪندي.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**





www.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

دلين جي ديس تي غمن جي آرين جون کي اوچتيون ۽ لڳاتار هلائون ۽ حملا ٿيندا آهن، تہ ڪيئي منَ موهن دڙا ۽ ڪيئي چاهت نگريون چانهونءَ دڙن ۾ تبديل ٿي وينديون آهن. جيون جي جنگاهہ ۾ روحَ تڏهن رتوڇاڻ ٿيڻ لڳندا آهن، جڏهن ديس جي ڌرتيءَ تي، اڇتو بڇايل آپدائون، آزاديءَ جي عشق جي ديويءَ کي سربازار سنگسار ڪري خوشيءَ مان شو مهاراج جيان ٿانڊو ناچ نچنديون چوطرف تباهي ۽ بربادي جا منظر پيش ڪنديون آهن تہ بهارن جي سِرَ تان گلن ڦلن جا تاج لهي خزان جي لانگ بوٽن هيٺان لتاڙجڻ لڳندا آهن.

جيون جفاڪشيءَ جو نانءُ تہ ضرور آهي، پر بيروزگاريءَ جي رڃ، صحرا ۾ پٽڪندڙ هنيلن هرڻن جهڙن حسين خوابن جي قتل ڪانپوءِ ڪنهن امڙ جي آسن ۽ اميدن جي چراغ جي خودڪشيءَ جي درد جي ڪرب جي سيلهہ ڪنڊن کي ڪوئي پنهنجي هانءُ ۾ چڀندو محسوس ڪري تہ پوءِ ان کي ڪهڙو نانءُ ڏجي!؟

سور جون سئو صورتون ۽ هزارين حوالا هوندا آهن. درد جا لاتعداد روپ ۽ نانءُ هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پيار پڇتاءُ بہ بنجي پوندو آهي، تہ گٽر يا گند جي ڍير تي پوپٽ جهڙي معصوم ٻارڙي جو لاش ڪانءُ ڪتن جو کاڄ بنجي ويندو آهي تہ انسانيت جو ڪنڌ شرم کان جهڪي ويندو آهي، ۽ صبح تائين چنڊ ماڪ جي صورت ۾ لڙڪ لڙڪ ٿي ڳڙندو آهي.

زندگي مور جو ٿهوڪو يا برساتي رُت جو رقص هجي تہ هجي پر ڪائي اڻڊلٺ جهڙي اپسرا، ڏيل جهڙي جواني ٽپي، عمر جي ٽپهريءَ کي اورانگهي، سينڌ ۾ چانديءَ، تارون سجائي رهندڙ ڪا ڪنواري، جيڪا ٻيبي مريم بہ نٿي بنجي سگهي، ان جي محرومين کي آخر ڪهڙو نانءُ ڏجي!؟.

هوءَ ڳڏين جهڙي معصوم ۽ البيلي ڇوڪري، جنهن جي عذاب ـ راتين جي اڪيلائيءَ جي درد کي ڪهڙو نانءُ ڏجي، جنهن کي ڪچڙيءَ عمر ۾ ئي قبائلي وحشيت بيواهہ بنائي جيئڻ جا سارا گس اونداها ڪري ڇڏيا هجن.

۽ هوءَ شرم ٻوٽيءَ جهڙي لڄاري ۽ مينهن وساڙي جهڙي نازڪ، نفيس، جيجل جي نيڻن جو نور ۽ سماج ۾ سٽن قرآنن جي برابر نياڻي، جنهن کي پراڻي دشمنيءَ جي پلاند پارڻ لاءِ ڪاريءَ جي ڪوڙي الزام هيٺ ڪهاڙين





سان ڪهي، جنهن جي جيجل کي سندس منهن بہ نہ ڏيکاريو ويو هجي ۽ اوندهہ ۾ بي ڪفنو لاش لوڙهيو ويو هجي.

يا هوءُ جهور ڪراڙو پيءُ جنهن جي خوشين جو خون ڪري، ڪيس هن عمر ۾ ڪونڌر پٽن جي لاشن کي ڪلهو ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو هجي ۽ جنهن لاءِ انصاف بہ انڌو، گونگو ۽ ٻوڙو بڻيل هجي، جنهن جو اندر انتقام جي ٻٺي ۾ تبديل ٿي چڪو هجي پر ٻانهن ۾ سو ٻل نہ رهيو هجيس.

درد ڪنهن محبوب ماڻهوءَ جي اوچتي ازلي سفر تي اسهڻ جو هجي يا ڪنهن وڇوڙي جي دائمي وڍ جو، جيڪو من جي زخم کان بہ وڌيڪ پيانڪ هوندو آهي، جڏهن زندگيءَ جو هر قدم درد جي پلصراط تان گذرندي محسوس ڪبو آهي.

ڪنهن جي روين ۽ لهجن جي تيرن جا گهاءُ يا رنج، رسامن جي بيمارين جون ڇُريون بہ تہ روح کي ڇلي رتورت ڪري ڇڏينديون آهن.

ڪپل وستو جي شهزادي، سڌارٿ مان بڻيل مهاتما ٻڌ جي نگاهن سان پيلي ڪير هن سڄي سنسار کي ڏسڻ جي سگهہ نہ رکندو هجي، پر پوءِ بہ هر حساس دل ماڻهوءَ جي ڪنن ۾ دور خلائن مان هر ويل ڪائي آذان ٻُرندي ٿي رهي تہ "جيون دکن، دردن جو نانءُ آ ـ" ۽ فطرت انسان جو ري ايڪشن (Re action) ڏسڻ ٿي گهري.

ڪنهن قلم ڪار تي انهن گهڙين جو فوري ۽ فطري ري ايڪشن (Re action) هميشہ گرم لڙڪن يا ٿڌڙن ساهن جي صورت ۾ نڪري نروار ٿيندو آهي. شاعري انهن گرم لڙڪن يا ٿڌڙن ساهن جي حاصلات جو نانءُ هوندي آهي.

منهنجي شاعريءَ جو هي پهريون مجموعو "چانهونءَ مٿان چنڊ" بہ منهنجي گرم لڙڪن يا ٿڌڙن ساهن جي حصول جي حاصلات آهي.

پنهنجي هن شاعريءَ جي حوالي سان مان ڪا بہ وڏي دعوا نہ ڪندس. فقط ايترو چوندس تہ هيءُ منهنجي اندر جو آواز ۽ ذاتي پيڙائن ۽ پوڳنائن جي احساسن جا عڪس اولڙا آهن، جن جي آرسيءَ ۾ ڪنهن کي بہ پنهنجي درد جي جهلڪ جو ذرڙو بہ نظر ٿو اچي تہ مونکي پنهنجي پيار جو پورهيو ڪارائتو ۽ سڦل لڳندو.

ڪتاب جو نالو "چانهونءَ مٿان چنڊ" انڪري بہ تجويز ڪيو اٿم جو لڳندو اٿم تہ ڪنهن جنم ۾ مان بہ چانهونءَ جي شهر جو رهواسي رهيو آهيان ۽ چنڊ ان جو اڄ بہ ساکي آهي.

دوست ڪيتري ئي وقت کان مونکي ڪتاب آڻڻ لاءِ زور ڀريندا رهيا





www.sindhsalamat.com

هئا، مگر ان معاملي ۾ مان انتهائي سست رهيو آهيان.

وڏي مهرباني ڀاءُ محمد يعقوب ڏاهريءَ جي، جنهن ڪتاب ڪي ڇپائڻ جو سارو وزن پنهنجن ڪلهن تي ڪڻيو، نه ته شايد اڃا به مختلف ڊائرين ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو هجي ها.

وڏا احسان پنهنجي محسن محترم سائين مير محمد پيرزادي جن جا، جنهن سڄي مجموعي کي پڙهي، درست ڪري، سنواري سُڌاري، صنف وائيز ترتيب ڪري ڏنو.

لک مهربانيون پنهنجي ڀائرن جهڙي دوست محترم وسيم سومري جون، جنهن پنهنجي قيمتي ۽ مصروف وقت مان ڪجهه گهڙيون ڪڍي هن ڪتاب تي دل سان مهاڳ لکي ڏنو.

لک لائق بزرگ سائين عبدالحڪيم "ارشد" صاحب جا، جنهن طبيعت ٺيڪ نه هجڻ ۽ نظر گهٽجي وڃڻ باوجود به بيڪ ٽائيٽل (Back Title)لکي ڏنو.

لک مهربانيون ڀاءُ ماڻڪ ملاح جون، جنهن تاريخي پسمنظر ۾ منهنجي شاعريءَ جو ڏاڍي سهڻي نموني ڇيد ڪندي تمام پيارو مضمون لکيو آهي.

مان احسان پنهنجي پياري ڀاءُ ساحر راهوءَ جا به نه وساريندس، جنهن خاموشي خاموشيءَ ۾ منهنجي شاعريءَ توڙي مزاج تي ڀرپور راءِ ڏني آهي.

انتهائي احسان پنهنجي پياري دوست ۽ سڄڻ ساٿي معشوق ڏاريجي جا جنهن تمام گهڻي پيارَ سان منهنجي شاعريءَ کي پڙهيو ۽ سوديو ۽ سنواريو.

پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ احمد نواز ڏاهريءَ جون محبتون جنهن وڏيءَ محنت سان اسڪيچ ٺاهيا آهن.

سيني کان وڏي مهرباني ڀاءُ ساجد سنڌي جي، جنهن پنهنجي سمبارا پبليڪيشن مان هيءَ ڪتاب ڇپائي مون کي مان بخشيو آهي.

**علي نواز ڏاهري**
3216296-0300





**مهاڳ**

## چنڊ، هوا ۽ چوليون

هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن منهنجي جاءِ پئي نهي، جاءِ جا ٽرتيءَ تي اڃ به ستر سيڪڙو غريب ماڻهن جو خواب آهي. سارا شگفته جي هڪ نظم جون سٽون آهن، جيڪي پڙهي هانءَ هميشه هٿن ۾ اچي پوندو آهي.

"هيءَ ڌرتي ماڻهوءَ جي ڊوڙڻ لاءِ،
ڪيتري نه وسيع ۽
ان جي رهڻ لاءِ،
ڪيتري نه سوڙهي آهي."

مان پنهنجي ٻچڙن لاءِ ان سوڙهي ڌرتيءَ تي هڪ خوابگاهه جهڙي جاءِ جوڙائڻ جي خوابن ۾ هوس ته شاعر دوست علي نواز ڏاهري پنهنجي ڪتاب جو مسودو کڻي آيو ته هن تي مهاڳ لکان، تازو جڏهن پنهنجي دوست منظور جوکئي جي نئين سفرنامي جي تازو آيل ڪتاب "هوا جي ديوار" جو مهاڳ پڙهي رهيو هوس، تڏهن لفظ مهاڳ تي سوچيندي مونکي خيال آيو ته هر مسافر جي سفرنامي جو مهاڳ سندس اکيون هونديون آهن. اکيون جيڪي ستن آسمانن ۽ ستن مها سمونڊن جون دنيائون پاڻ وٽ سنڀالي رکڻ جون صلاحيتون رکنديون آهن.

منهنجي نظر ۾ هيءَ شاعري به ته احساسن جو سفرنامو ئي آهي، جنهن جو مُهاڳ به شاعر جون اُداس اکيون هجڻ گهرجن. ها البته سفرنامو جيئن ڏسبو آهي، تيئن تحرير ڪبو آهي، جڏهن ته مشاهدن کي جڏهن شاعريءَ جي تخيلاتي هئيت منجهان گذاريو آهي ته: اهي شاعراڻو روپ اختيار ڪندا آهن، ته مون چيو پئي ته مُهاڳ شاعِرَ جون اداس اکيون هجڻ گهرجن، اڄ جڏهن علينواز ڏاهريءَ جي شاعريءَ جو مُهاڳ لکي رهيو آهيان، تڏهن، هن جي اکين جو تصور ڪري سندس شاعريءَ جو ورق ورق پڙهي رهيو آهيان، جنهن ۾ بيت، وايون، ٽيڙو، پنجڪڙا، نظم ۽ غزل شامل آهن.

سندس هڪڙو نظم آهي ته
"يا خدا!
مون کي مجاز جي مڇ ۾،
ڪُندن ڪري ڇڏ،





www.sindhsalamat.com

جيئن منهنجي ذات جون ڏياٽيون،
خواجہ فريد ۽ حمل فقير،
جي تسلسل کي،
برقرار رکي سگھن.”

ايئن علي نواز پنهنجي شاعريءَ جي ذات وارين ڏياٽين جو سرچشمو مجاز کي سمجهي ٿو، ۽ هو پاڻ تي فريد ۽ حمل فقير جي تسلسل ۾ برقرار رکڻ چاهي ٿو.

اڳتي هلي هن پنهنجي شاعراڻي گسن گهڙڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، مان اُن جو مثال هن جي هڪ نظم سان ڏيڻ چاهيان ٿو، جنهن جو عنوان ”گم ٿيل شهر جي ڪٿا“ آهي. ان جا ڀهريان ڇهہ شعر شاهڪار آهن، جن ۾ مقصد ۽ هئيت جو امتزاج هڪ خاص منزل تي پهتل آهي.

ڪٿا هن شهر جي يارو، صدين کان پيي پراڻي هئي،
لٽيل تهذيب تي حملن جي پل پل جي ڪهاڻي هئي.

ڀهريون تحفو بسنتيءَ جو، ڀري جهوليون گلابن جون،
ڏيڻ گهر گهر ۾ مالهڻ جي، اينـدي معصوم نياڻي هئي.

شهر جي شاهي مندر ۾، امڙ ڌرتيءَ جي مورت کي،
مٿو ٽيڪڻ هجومن ۾، ايندي راجا سان راڻي هئي.

گليءَ جي موڙ جي هُن ڀر، چون ٿا کوهہ هوندو هو،
جتان خلقت سموريءَ جي، سدا اڄ پئي اڃهائي هئي.
جهاڙين جون ونيون تڙ تي، اچي موهينديون ڏيئاهون،
جڏهن پن ڇڻ سندي رُت جي، اچي ويندي پڄاڻي هئي.

تڏهن معصوم اکڙين مان، اُڏيا ٿي ننڊ جا پوپٽ،
ٻڏي ٻارن جو ٻيڙيءَ کان، ڪا ٻَرين جي ڪهاڻي هئي.

باقي ڇئن شعرن ۾ هن تي موسيقي حاوي آهي، هو پنهنجي شاعريءَ ۾، موسيقيءَ جو ايترو خيال رکي ٿو جو هن کان پوري مجموعي ۾ متشدد لفظ غير متشدد ٿي استعمال ٿي وڃن ٿا، ايئن هو هڪڙي خوبي ”سُرن جي خوبي“ تخليق ڪرڻ ۾





لفظن کي زخمي ڪرڻ جي خامي ٿو ڪري وجي، باوجود ان جي نظم جي اهميت گهٽجي نٿي، بلڪہ اها پڙهندڙ کي پنهنجو جادوئي اثر ايترو تہ زور سان ٿي ڇڏي، جو اهو نظم جي تصور ڪيل دنيا جي رستن ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

علي نواز جي نظمن جو تعداد تمام ٿورڙو آهي، جنهن ۾ گهٽو ڪري خارجي بيان آهي، پر اُهو شاعراڻي انداز کان وڌيڪ صحافتي انداز جو آهي، جيئن علي نواز جو مٿيون نظم آهي، يا جيئن سائين امداد محمد شاهہ تي سندس نظم جون هي ٻہ سٽون آهن.

خود خدا جي خاص هڪڙي،
خيال جي تصوير هو.

هي ٻہ سٽون ڪيتريون نہ سرل ۽ ڪيتريون نہ آسان آهن، جن جي شعريت عام ماڻهوءَ کي بہ سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي.

ڪٿي سائين تنوير عباسيءَ دنيا جي شاعريءَ تي ڳالهائيندي ٽينسن لاءِ لکيو آهي تہ: تمام خوبصورت لفظ، سادا، سباجها، مترنم ننڍا ننڍا بحر ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ مان ڪنيل تشبيهون ۽ استعارا جيڪي هر ماڻهو سمجهي وڃي.

علي نواز ننڍين بحرن بجاءِ پنهنجي غزل جي اظهار لاءِ طويل بحر استعمال ڪري ٿو، جيئن هن جا ڪي هم عصر بہ ڪن ٿا، پر علينواز ڏاهري پنهنجي هم عصر شاعرن وانگر هڪ هڪ سٽ ۾ ٻہ چار بي جان ۽ بي معنيٰ تشبيهون ڏئي شعر کي منجهائي نٿو، بلڪہ هو تہ تشبيهہ بہ ڪٿي ڪٿي استعمال ڪري ٿو.

پوپٽ جهڙي نازڪ منهنجي، پيار جو ٿيو احساس نہ هن کي،
يارو! واقعي هان پاڳل هان! پيار گهريو مون سوبہ پٿر کان.

پيار کي پوپٽ جهڙي نازڪ پٽي سان تشبيهہ ڪيتري نہ جمالياتي تشبيهہ آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ چار دوست جمع نٿا ڪرڻا پون. علينواز تشبيهہ کان وڌيڪ استعاري کي مهارت سان استعمال ڪري ٿو، سندس شعرن ۾ ڪجهہ هي استعارا ڏسو.

جنوني منڍ جون شامون، اداسيءَ جي نذر ٿينديون،
تڏهن جيون تماشي جو، قصو منظوم ٿي ويندو.

نمن جي ٻور کان نازڪ، ڪنول گل کان بہ ڪونئرو آ،
اڃان هن پيار پونم جو، ٻڌو سورج پرين ناهي.
حياتي پور ٻيڙيءَ جو، وهي آخر وهي ويندي،
مهاڻيءَ ۾ جوانيءَ جي، وڄن جا ونگ جاڳن ٿا.





www.sindhsalamat.com

مٿين شعرن ۾ جيون تماشو، حياتيءَ ڪي پيڙيءَ جو پُور ۽ پيار ڪي نمن جي پُورَ ۽ ڪنول گل ڪان بہ ڪونئرو سڏڻ ڪيترا نہ خوبصورت استعارا آهن، جن ۾ مشاهدي جا رنگ بہ آهن ۽ سماجي سونهن بہ آهي.

منهنجي نظر ۾ شاعريءَ جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ غزل وڏيڪ مشق ۽ ڏيان جو گهرجائو هوندو آهي. جيڪڏهن شاعريءَ جي فن جو عروج معلوم ڪرڻو هجي تہ، اهو ان جي غزلن مان معلوم ڪري سگهبو آهي.

علينواز جو غزل هن جي ادراڪ ۽ مشق جو گڏيل ثمر آهي، اهو جيترو مترنم آهي اوترو ئي شعريت سان ڀرپور آهي. هي ڪجھ شعر اهڙي حسناڪيءَ جو اعليٰ مثال آهن:-

جفا جي شهر مان گذري، ڪيئي گلفام ساري ٿو،
انهيءَ رنگين موسم جي، مسافر شام ساري ٿو.
پرھ ويلي مٽر جنهن تان، فضا ۾ سُرَ پکيڙيا ٿي،
تتل طوفان ۾ وڻ جي، چٽون سا لام ساري ٿو.

اجان آسن اميدن جي، صفا بنجر ٻٽي ڌرتي،
اجان مرڪن ميلاپن جو، پري ڪيڏو ڪڪر آهي.

اتر مرڪيو پشم جهڙا، فضا ۾ سنگ جهومن ٿا،
پرين جڻ پيار پنهنجي جا، سمورا رنگ جهومن ٿا.

اسان يادن جي مستيءَ ۾، رهون مدهوش ٿا اڪثر،
بنا ڪنهن مئہ ۽ ساقيءَ جي، طبيعت پُر بهار آهي.

سموري ڏيھ ڪي رج جو، ايئن ڇا ڏيڍ ڏسٽو هو،
سڪي مجبور سنڌوَ جي، ڪنارن اڳ نہ سوچيو هو.

منو محبوب مرليءَ سُرُ، سندس هر ساٽ جوڳين جيان،
وڇوڙي نانگ وحشيءَ جا، ڏهاڙي ڏنگ جاڳن ٿا.

نديءَ ۾ شور هي ڪيڏو، ڪنارا ڪجھ تہ سمجهايو!
وري سهڻي پڏي ڪا ڇا؟ ستارا ڪجھ تہ سمجهايو.





ايئن ڪونہ چوندس تہ هي علينواز ڏاهريءَ جا ڏھ شعر ڪو هر ڏهس تي ڀاري آهن، پر ايترو ضرور چوندس تہ هنن ڏهن شعرن جي آرسيءَ ۾ هن جا شاعراڻا تصور ايترو تہ چٽا آهن جو تاريخ جي ڪابہ اوندھ انهن ڪي هرويرو ڍڪي نٿي سگهي.

آخري شعر تان مون کي ياد آيو تہ، ٽي ايس ايليٽ ڪٿي لکيو آهي تہ: شاعر کي نہ رڳو تاريخي شعور سان هٿيار بند هئڻ گهرجي، بلڪہ هن جي فڪري اڏام ايتري بلند هئڻ گهرجي جو هو ماضيءَ کي حال ۾ بدلائي ڇڏي، جيئن علي نواز ماضيءَ جي ٻڏل سهڻي کي حال ۾ بدلائي ڇڏيو آهي.

علينواز پنهنجي شاعريءَ ذريعي سوال اڀاريندڙ شاعِرُ آهي، اهي سوال جيڪي ڀيڙين وانگر بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪِري لهرون پيدا ڪن ٿا، ايئن هو نراشا مان بہ آشا تلاش ڪندڙ شاعر آهي، خاص طرح هي شعر هن جي پنهنجي لهجي جي عڪاسي ڪندڙ آهن.

هُو سُر ۾ گڏي سڏڪا، تنبور تي تڙپيو پي،
جو ڏار ڪڏهن غم ڪان فنڪار رهيو ناهي.

هو روز ڪتابن سان الماڙيون سجائي ٿو،
خود ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جو ڪردار رهيو ناهي.

بارش جي نذر ڇا ٿيو، مصور جو ڪچو گهر هي،
ويا رنگ سيئي وڪري، شهڪار رهيو ناهي.

هنن شعرن ۾ جا احساس جي شدت آهي سا روح کي جهنجهوڙي ٿي ڇڏي ۽ پڙهندڙ کي پنهنجن رنگن جي تصويرن ۾ تبديل ڪري ٿي ڇڏي. هن جي شاعري روانيءَ جو وهندڙ اهڙو درياءُ آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ ڪوبہ پٿر جو بند نٿو ڏئي سگهجي.

سموري گفتگو جنهن جيءَ، غزل جو روپ ورتو هو،
انهيءَ جي بيرخي ڪنهن پل، اجل جو روپ ورتو هو.

سموري شهر جا رستا، ڪٿا ساڏوءَ جي ست سنگ تي،
جهنگل جي جهوپڙيءَ تنهن پل، محل جو روپ ورتو هو.





www.sindhsalamat.com

جھوپڙي محل جو روپ نہ بہ وٺي پوءِ بہ اھا خوبصورت آھي، رڳو شاعر شيلي جي لفظن ۾ ان کي اڏيندڙ جي اکين سان ڏسڻ جي ضرورت آھي.

علينواز جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي اڻڇھيا تصور آھن، جيئن ساڌوءَ جي ستسنگ جو تصور آھي.

علينواز جي واين تي ڪلاسيڪيت وڏيڪ ڇانيل آھي، ھن ڪي ماضيءَ جي وائيءَ کي حال ۾ بدلائڻ لاءِ نون خيالن طرف وڌڻو پوندو، جيتوڻيڪ ھن جي واين ۾ لفظن مان پيدا ڪيل موسيقي بہ آھي ۽ منجھن شاعراڻو آھنگ بہ آھي، پر ھن کي وائي کي جديد شڪل ڏيڻ لاءِ پنھنجي ھڪ وائيءَ تي ويچارڻو پوندو.

سوچ ستي لڪڙي، حال اسانجو ھي،
ڪيئن نئين تخليق ٿئي.
آڪير بڪُ باھہ جو، پريشان پڪي!
ڪيئن نئين تخليق ٿئي.

ھن جي ھڪ ٻيءَ وائي جا ھي شعر بہ موھيندڙ آھن.

سپنا ھرڻ ھئا،
پڇندي نيث مئا،
جيون جي رڻ پٽ ۾.
سياست جڻ تہ پليگ آ،
ڪردار بہ جڻ تہ ڪئا،
جيون جي رڻ پٽ ۾.

”ڪردار بہ جڻ تہ ڪئا“ جي جاءِ تي ”۽ ڪردار ڪئا“ ھجڻ گھرجي. دراصل موزون شاعريءَ لاءِ بحر ساھ وانگر آھي، جي اھو ڪٿي ٿڙيو ٿاٻڙيو تہ خوبصورت ۾ خوبصورت خيال بہ ھيٺ اچي ٿھڪو ڪندا.

سپنن کي ھرڻ سڏڻ ۽ سياست کي پليگ سڏڻ اڄ جي دور جي حقيقت جا بہ وڏا تصور آھن. ايئن جڻ اڄوڪي بدبودار سماج ۽ بي ضمير سياست تي ھڪ ناقدانہ تبصرو بہ آھن.

علينواز جيڪڏھن پنھنجي باقي ھائيڪن کي، پنھنجي ھن ھائيڪي جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو تہ ھو پاڻ فرق ڪري پنھنجي ھائيڪو. سفر کي نئين دڳ لائي سگھندو.

گھاٽو ٻير وڻ،
ڏينھن جھڙي ڏينھن ۾،
ھيٺان ٿڪل ڏڻ.





علي نواز جي ھائيڪن ۾ ھڪڙو ھائيڪو نظم بہ آھي، ان کي باقي ھائيڪو کان الڳ ڪرڻ جي ضرورت آھي، جنھن جو پھريون ۽ آخري ھائيڪو ٻئي ايترا خوبصورت آھن، جو پاشو انھن کي پڙھي ھا تہ ان کي مٿن مون وانگر پيار اچي وڃي ھا.

ڪينجھر مٿي چنڊ،
نوري ستل ناوَ ۾،
چانڊوڪيءَ تي منڊ.
چنڊ، ھوا، ڇوليون،
نوريءَ سپنا ڄام جا،
پکين – پروليون.

ڪينجھر تي چنڊ چمڪي رھيو آھي، نوري پيڙيءَ ۾ ستل آھي، ۽ اھا چنڊ جي چانڊوڪيءَ تي جڻ منڊ آھي، نوري جي اکين ۾ ڄام سمي لاءِ سپنا پکين جي پرولين جھڙا آھن ۽ مٿان ساڳيو چنڊ آھي، جنھن کي ڪينجھر جي ڇولين ۽ ڏکڻ جي ھوائن جڻ تہ پڪاسو جي ھڪ اسٽل تصوير بنائي ڇڏيو آھي، مان آخري ھائيڪو تي سوچي ”چنڊ، ھوا ۽ ڇوليون“ ٿي ويو آھيان.

اتر جي ھوائن ۾ لکيل
**وسيم سومرو**
نوابشاھ





www.sindhsalamat.com

# واھہ! ڏاھري تُنھنجي ذات!!

مانوارا قارئين! اسان جي بيحد پياري شاعر علي نواز ڏاھري جي شاعريءَ جو مجموعو ”چانھونءَ مٿان چنڊ“ اوھان جي ھٿن ۾ آھي. ھي ڪتاب شاعريءَ جي مختلف صنفن، بيت، وايون، ھائيڪا، پنجڪڙا، نظم ۽ غزل جو ظاھري ۽ معنوي لحاظ سان نھايت خوبصورت گُلدستو آھي. علي نواز ڏاھريءَ جي ھيءَ شاعري پڙھي ۽ ٻُڌي منھنجي دل مان بي اختيار نڪري ويو تہ: ”واھہ! ڏاھري تنھنجي ذات!!“

سچ پُڇو تہ علي نواز ڏاھريءَ جي شاعري پنھنجي فني ۽ فڪري گھرائيءَ جي لحاظ سان انتھائي داد ۽ مڃتا جي لائق آھي. سچ چيو اٿن تہ: ذات پنھنجي اظھار ۽ ارپنا جي لحاظ سان پنھنجي مرضيءَ جي پاڻ مالڪ ۽ خودمختيار ھوندي آھي.

ذات وٽ ڪنھن بہ سينيئر ۽ جونيئر جو ڪوبہ فرق ناھي، ذات ڪنھن وڏي ناميارِي شخصيت يا ڳوٺاڻي پورھيت فنڪار ۾ ڪوبہ تفاوت نٿي رکي. علي نواز جي ھيءَ شاعري پڙھي آئون احساس ڪمتريءَ ۾ مُبتلا ٿي ويو آھيان ۽ دل مان بي اختيار صدا نڪرندي آھي. ڪاش! مان بہ اھڙي شاعري ڪري سگھان ھا!

ھن جا ڪُجھہ نظم محمد ابراھيم جويي، سائين جي ايم سيد، سيد امداد احمد شاھہ امن جي عنوان ”جنوني حڪمرانو! جنگيون نہ ڇيڙيو“ سنڌي ادب ۾ شاھڪار تخليقون قرار ڏئي سگھجن ٿيون.

علي نواز ڏاھري خوشي نصيب شاعر آھي تہ ھن جو ڳوٺڙو سڪرنڊ ۾ چانھونءَ جھڙي قديمي ۽ تاريخي ماڳ جي پير ۾ آھي، چانھونءَ جي دڙي بابت ھن جي شاعري عالمي قدرن جي پاسداري ڪري ٿي، آئون غزل ۽ نظم جو شاعر آھيان، پر مون جڏھن علي نواز ڏاھري جو نظم ”جنوني حڪمرانو! جنگيون نہ ڇيڙيو“ ٻُڌو ۽ پڙھيو تہ مون کان رڙ نڪري وئي تہ ”بيشڪ ھر پويون ايندڙ، پھرئين کان زور ھوندو آھي“. علي نواز جو اھو نظم جيڪڏھن اردوءَ ۾ لکيو وڃي ھا تہ اردو ادب جا ترقي پسند ھن کي ساحر لُڌيانويءَ جو لقب ڏين ھا، آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ سندس اھو نظم جيڪڏھن





انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ٻاھرين مُلڪن تائين پھچي وڃي تہ سندس اھو نظم امن جي موضوع تي شاھڪار تخليقن ۾ شمار ٿي سگھي ٿو.

علي نواز ڏاھريءَ جي شاعري احساسن ڀري ۽ ھر ٻُڌندڙ تي اثر ڇڏيندڙ شاعري آھي، پر يار! اسان وٽ رڳو عھدن کي ڏنو وڃي ٿو. علي نواز ڏاھري تہ ھڪڙي ننڍڙي ڳوٺ جو رھاڪو آھي ۽ واپڊا ۾ ننڍڙي ملازمت ڪندڙ مزدور! پر ھن جي شاعري ھڪ ڏينھن ضرور اسان جي دلين تان ساڙ ۽ حسد جي زنگ لاھيندي، ۽ اڪين تان انڌ جا ڪوپا! ۽ ھن نوجوان جي جيڪا شاعري آھي، تاريخ جو اثاثو ٿي ويندي، ۽ ھيءَ قوم بہ ھن شاعر جي سِٽ سِٽ تي ناز ڪندي.

اجا ڪلھوڪي ڳالھہ آھي جو ھِن شاعريءَ جي ڪلا ڪيتر ۾ پھريون قدم رکيو ھو. خبر ناھي تہ ھن جي اندر جي پڙڪندڙ پونءِ ۽ ٻرندڙ جبل وانگر اوچتو ڦاٽ ڪائي فن ۽ فڪري جي بُلندين کي ڇُھڻ لڳي آھي.

ذاتي ۽ شخصي لحاظ سان علي نواز ڏاھري نھايت ماڻيٺو، سٻاجھڙو، پرخلوص ۽ ھر وقت ڪنھن اونھي ۽ گھَرِي سوچ ۾ مستغرق نظر ايندو آھي، مون کي ان جي مطالعي جو ذوق بہ ڏاڍو پسند ايندو آھي. سندس پسنديده موضوع فڪري ۽ فلسفي ۽ ذھنن ۾ اُٿل پُٿل آڻيندڙ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندڙ ڪتاب ھوندا آھن.

آئون دل جي گھراين سان دُعاگو آھيان تہ شال سندس ذات اجا وڏيڪ عروج حاصل ڪري، خدا ڪيس ڊگھي ڄمار عطا ڪري، ۽ ھرطرح جي خوشين سان شاد آباد رکي ۽ سندس اولاد کي برڪتون عطا ڪري، ۽ ھي ڪتاب سنڌ ڌرتي ماءُ جي قدمن ۾ شال اگھامي ۽ قبول پوي. آمين

دُعاگو
**عبدالحڪيم ”ارشد“**
سڪرنڊ





www.sindhsalamat.com

# پرينءَ جي پيارَ جون چانڊوڻيون...!

علي نواز پهريان ڏَهري هُيو يا ڏاهري، اُها خبر تہ هڪ الله کي پر ڏهري يا ڏاهري، ٻئي مون لاءِ اوترائي مُعتبر لفظ آهن، جيترا پيار ڪندڙ جوڙيءَ جي پيار ڪرڻ جا پهريان لفظ!

ڏهري، ٻن پِٽُن جي وچاڳ جا ماڻهو هُوندا آهن، ۽ ڏاهري آئون چوندو آهيان تہ سنڌ جي سپوت راجا ڏاهري جا پوئلڳ ماڻهو آهن، علي نواز ڏاهري تي لڪندي، آئون نہ تہ ڏهريءَ کان مُنهن موڙي ٿو سگهان ۽ نہ وري ڏاهريءَ جو دامن ڇڏي ٿو سگهانِ!

منهنجي خيال ۾ علي نواز "ڏَهري" بہ آهي تہ "ڏاهري" بہ آهي، اُن ڪري هن جي ضمير ۽ خمير ۾ سُورج ديوي ۽ پرمل ديويءَ جي تخمي بہ اڇي وڃي ٿي، تہ مارئيءَ واري مليرائي بہ اڇي وڃي ٿي.

صدين جو مان گيت پُراڻو، هر ڪنهن چپ تي آيل آهيان،
غم کي هر ڪنهن موقعي تي مان، ڳوڙهن سان گڏ ڳايل آهيان.

اسان جي هن شاعر جو ڳوٺڙو، "ڄام ڏاهري" ان وچاڳ جو ڳوٺڙو آهي. آڳاٽي ۽ پهرين سڪرنڊ شهر جي مِٽيءَ سان سُواسِيَلُ ۽ شڪر ڊنڊ واريءَ جهوليءَ وارو هيءُ ڳوٺڙو ۽ ڳوٺاڻان ڪيئن نہ ڏهري هجن، جو آڳاٽو سنڌو، هاڪڙو ۽ مهراڻ جي لقبن سان پنهنجا پاڪر هِن ئي علائقي ۾ پريندو، هاٽوڪيءَ واٽ پهتو هُيو، تہ پوئتي رُڳو پٽون، دڙا، وارياسا پَٽ ۽ پيچرا رهائيندو ويو، جيڪي ڏهرن جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. انهن پٽن ۽ پَٽن جي پيدائش آهي. علي نواز ڏاهري.

جنهن جو ڳوٺڙو بلڪل اُن واهوندي ۾ موجود آهي، جتي جنگ جا طبل وڳا ها تہ وڏو غوغاءُ بہ ٿيو هو، ۽ "ڪڏهر" جهڙي واهوندي تي نالو ئي اُن غوغاءَ جو پئجي ويو هو. يعني غوغاءَ ۽ انياءَ وارو علائقو!

اسان جي شاعر جو ڳوٺڙو "ڄام ڏاهري" ۽ "ڪڏهر" ان واهڙ ۽ ڪنڌيءَ جا ڳوٺ آهن، جتان "ساوندي" ڊنڊ جنهن کي محققن وڪر ٻهار، شڪر ٻهار ۽ ساوندي ڪري پئي لکيو ۽ سڏيو آهي، اها ساوندي پار ڪندي عرب حُڪمران محمد بن قاسم، سنڌ جي راجا ڏاهر کي قتل ڪندو، سيوهڻ وڃي رهيو هو.

آئون نٿو پُلجان تہ اُها ساوندي پنهنجي صحيح تلفظ ۽ ساءِ ندي هُجي.





يعني پيڙين واري ندي، جيڪا پوءِ شڪر ڊنڊ ٿجي وئي، اسان جا تاريخدان ساوندي کي سن ساوڙي ڪوٽي هڪڙي پُل مان گذري رهيا آهن.

سيد عظيم الدين ٺٽوي جڏهن شڪر ڊنڊ جو ذڪر ڪندي ساراهہ جون سُرڪيون پريندي لکي ٿو تہ: "هِن ڊنڊ جهڙي هند سنڌ ۾ ٻي ڊنڊ نٿي سُجهي تہ پوءِ چچ نامي ۾ بيان ڪيل حوالو تہ محمد بن قاسم، برهمڻ آباد فتح ڪرڻ ڪانپوءِ سيوهڻ لاءِ ساونديءَ تي اڇي ساهي پٽي هئي، جيڪا پنهنجي دؤر جي عاليشان پتڻ، واپارڪي ۽ وڻجارڪي ڊنڊ هئي، تہ اُها جاگرافيائي حوالي سان عظيم الدين ٺٽويءَ جي بيان ڪيل شڪر ڊنڊ ئي آهي، جنهن جا نشان اڄ بہ سُتيارو سرهاڙي روڊ سان ڏسي سگهجن ٿا. اها ئي اها ساوندي آهي. جنهن ۾ اڇي سڪرنڊ واري پاسي ۽ پوءِ سيوهڻ ۽ ٻين شهرن ۾ عرب حڪمران، وطن وارن سان وڙهي، علي نواز ڏاهريءَ جي آدجڳادي وڏڙن جي اولاد ۾ روج راڙو مچائي ڇڏيو هو. اُها ئي ڊنڊ ساوندي آهي، جيڪا ميرن جي دؤر ۾ عظيم الدين ٺٽوي جي نيٽڻ جو نار ٿي ۽ شڪر ڊنڊ جهڙو لقب حاصل ڪيائين.

اُن ڊنڊ ۽ آڳاٽي شڪر ڊنڊ يعني هزارا سال پراڻي تهذيب رکندڙ سنڌين جي عظيم تهذيب واري شهر "چانهون"، يعني پهرئين سڪرنڊ واري وستيءَ جي وارث لوڪن جو اولاد آهن، ڏاهري ۽ ڏهري!

ديس ۽ ديس ڏٽين سان ٿيندڙ دولابن کي رڳو شاعر ئي سمجهي سگهن ٿا. علي نواز ڏاهريءَ جي شاعري بہ پاڻ سان صديون ۽ زمانا ڪٽي هلي ٿي، زمانن ۽ انهن اندر ايندڙ ۽ ٿيندڙ تبديلين کي وجود ۾ سمائيندڙ شاعري کي دوام هجي ٿو. سنڌ جي پِٽن ۽ پانن واري شاعري زمانن ۽ واقعن واري شاعري آهي، جنهن مان سنڌ جي تاريخ جو گمنام دؤر آئينو ٿجي وڃي ٿو.

ايئن ئي علي نواز جي شاعريءَ ۾ زمانا سمائي هلندڙ تخيل جا واهڙ آهن، جن جي گجگوڙ اسان جي سُجاڳي آهي. شاعري جيڪا هڪ شاعر وٽ دل جي ۽ سائنٽيفڪ سوچ رکندڙ سائنسدان وٽ دماغ جي خوراڪ هجي ٿي، ڪيئن بہ هجي پر ڪلاسيڪل زمانن کي اها دل جون ڦرهيون پڙهائيندي آهي.

سڪرنڊ جي اصلوڪي راڄڌانيءَ واري سرزمين تي "پڙو" ٿٽيل "چانهونءَ جو دڙو" سنڌ جي ايامن جو هوڪو آهي، ايامن کان اُتي سڪرنڊ واسي ڪيئن هئا، اتي ان وقت سنڌ ڪيئن جڳمڳائيندي رهي هئي، ان جي عڪاسي ڪندي علي نواز ڏاهريءَ جيڪا شاعري ڪئي آهي، اها سنڌ جو هڪ پُورو يُگ سنڀاليندڙ شاعري آهي. ايئن شاعريءَ ۾ تاريخ ۽ تاريخ ۾





www.sindhsalamat.com

شاعري علي نواز جي تخليقي ڏَيَنَ آهي.

ڪٿا هن شهر جي يارو! صدين کان پيي پراڻي هئي،
لُٽيل تهذيب تي حملن جي، پل پل جي ڪهاڻي هئي.

پهريون تحفو بسنتيءَ جو، پري جهوليون گلابن جون،
ڏيڻ گهر گهر ۾ مالهڻ جي، ايندي معصوم نياڻي هئي.

شهر جي شاهي مندر ۾، امڙ ڏرتيءَ جي مورت ڪي،
مٿو ٽيڪڻ هجومن ۾، ايندي راجا سان راڻي هئي.

گلڻيءَ جي موڙ جي هن پر، چون ٿا ڪوهه هوندو هو،
جتان خلقت سموريءَ جي، سدا اڃ پئي اجهاڻي هئي.

جهازين جون ونيون تڙ تي، اچي موهيندڙيون ڏيئا هون،
جڏهن پن چڻ سندي رُت جي، اچي ويندي پڇاڻي هئي.

تڏهن معصوم اکڙين مان، اڏايا ٿي نند جا پوپٽ،
ٻڌي ٻارن جو ٻيڙيءَ کان، ڪا پرينءَ جي ڪهاڻي هئي.

گهڙي چا سنگتراش هڪڙي، حسين ڌرتيءَ جي مورت هئي،
انهيءَ تي سال هن نگري، وڏي خوشحالي ماڻي هئي.

هتي گيتن ۽ رقصن ڪي، ته حاصل خاص تقدس هو،
هتي هر شخص جي يارو! طبيعت عاشقاڻي هئي.

جنهن لئه تڙپي ڪوي ڪوئي، رچيندو گيت هو غم جا،
ڪنولن کان به ڪومل سا، هتي جي ڪا مهاڻي هئي.

انهن جي عشق جا الميا، ڌرم ڌرتيءَ سندو بڻيا،
سدا تاريخ مان "نواز" اهڙي خوشبو اڏاڻي هئي.

"چانھونءَ" جو دڙو، سڪرنڊ تعلقي ۾ سنڌ جي اها تهذيب ۽ تمدن





رڪندڙ تاريخ وارو ماڳ آهي، جنهن جي قدامت موهن جو دڙو سان برميچيندڙ آهي. اهو چانھون اڄڪلهه پنهنجن جي ستم ظريفيءَ جو شڪار آهي، جتي وڏيرا ان جا پاسا ڪائي زمينون ويڪريون ڪري رهيا آهن. اُتي اسان جي حڪمرانن جي محلن جي دروازي تي هي تاريخي ورثو بي سهارو بڻيل آهي، ان تاريخي ورثي واري دڙي تي جڏهن مينهن وسندو آهي، ته ان مان ناياب شيون ايئن ظاهر ٿي پونديون آهن، جيئن سورنهن ساليءَ جي ڇاتيءَ جا تِر "وهي" ظاهر ڪري وجهندا آهن.

دڙي مٿان ٻار، چانھون چُپ چپات آ،
تهذيبي تاريخ تي هي ننڍڙا ڪردار،
ڇا ٿا ڳولين چوڪرا، بارش ڪانپوءِ يار،
يا هُو پنهنجا پيار، وڃايل ووڙين ٿا؟

علي نواز جي شاعريءَ جون سِٽون پڙهندي، گوتم جون اُهي اکيون ياد ٿيون اچن، جيڪي تنهائيءَ نگاهي سجدن سان لوليون ڏئي، دل ۽ دماغ جون اُمنگون "انت بحر دي ڪل نہ ڪائي"، "رنگي رنگن بنايا" ڪري وجهنديون هيُون.

سموري شهر جا رستا، ڪُتا ساڌوءَ جي سڌ سنگ تي،
جهنگل جي جُهوپڙيءَ تنهن پل محل جو رُوپ ورتو هو.

هوا جي هوڏ تي هِرڪي، ڇَڳُن جون نانگڻيون نَچيون،
نگاهن ناز مان اُلجهي، بڪل جو روپ ورتو هو.

***

گهاتو ٻير وڻ،
ڏينهن جهڙي ڏينهن ۾،
هيتان ٿڪل ڏڻ!

سنڌ قدرتي آفتن، فطري حادثن، ۽ هٿرادو سازشن وارن ڏُکن ڏُٺي ڌرتي آهي، جنهن درياهه بادشاهه جي ٻوڏ جو حشر به ڏٺو، ته زلزلن ۽ تازو سال ڏيڍ اڳ ڪراچيءَ ۾ عالمي سيمينار دوران ظاهر ڪيل رپورٽ ته: "سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن کي ڏارين، جن ۾ منگولن وڏ ۾ وڏ رتوڇاڻ ڪئي. شاهوڪار ۽ وسندڙ شهر تباهين جي ور چڙهي ويا، ان وِڍ وِڍان ۽ رَت رَتان واري ڪُهرام ۾ ڪتي ڪنوارين جا ڪنگڻ رهجي ويا، ته ڪتي ڏنارن جا ڳل ڳراٽيل ۽ چپن لڳل چنگ رهجي ويا، ڪتي جيجلن جا جنڊ، ته ڪتي نوورنين جا مَنڊ رهجي ويا، ۽ سدا ڪِلندڙ زندگين جا ڏيئا اُهجايا ويا. ڏارين جي دهشت جڏهن سنڌ جا ٽاٽا



www.sindhsalamat.com

ڦِٽائي ڇڏيا، تہ اسان جي شاعري بہ اهڙي سِرجڻ لڳي.

گوليءَ گوليءَ گهاءَ، پنگهي ۾ پيل پارڙو،
ڪَري دانهن ڪِري پئي، ماني پچندي ماءُ،
رڳجي ات ريتا ٿيا، پيڻ اڳيان پئي پاءُ،
ڦٿڪي پيءُ پڌر تي، وريو وحشي واءُ،
ڪٽنب ڪسي گولين جو، ڪيو آڏرياءُ،
ٿا.. ٿا.. رڙيون ڳوٺ ۾، سڏ نہ ڪوءِ سماءُ،
"ڌاڪو ماريا ماءُ"، سرخي آ اخبار جي،

❊❊❊

سنڌ جي ڌرتيءَ تي،
ڏاڍا ڏينهن ڏِٺي،
ماڻهو ٿا اغوا ٿين!

ائين وري پوڙ جيڪو سنڌ سان هاجو ڪيو، اهو آئينو هن وائيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

ماروءَ ماروءَ ماڳ،
چوڙيلين جو چاڳ،
لهرن منجهہ لُڙهي ويو!
راڻا ڪوڙ رُلي ويا،
مومل جو هر ماڳ،
لهرن منجهہ لڙهي ويو!

ائين هن جي شاعري سنڌ جون سرحَدون اورانگهيندي، سرمد شهيد واري ماڳ دهلي جي هوائن ۾ آل انڊيا ريڊيو جي پروگرام: سَڄڻ توکي خبر ڪهڙي! تان وينا شرنگيءَ جي آواز ۾ بہ گونجندي رهي تہ:

سنڌوءَ سُڪل سير،
سازش سانگيئڙن سان!
باهہ ٿيا ٻُڪ اُڃ ۾،
مارو منجهہ مليِر،
سازش سانگيئڙن سان!

❊❊❊

سنڌ جي ڌرتيءَ تي،
ڏاڍا ڏينهن ڏٺي،
ماڻهو ٿا اغوا ٿين!





ڪافيون ڪنور رام جون،
گونجيون ڪالهہ جتي،
ماڻهو ٿا اغوا ٿين!

علي نواز جي شاعريءَ ڪي پنهنجو محاڪاتي پس منظر آهي، محبوبن جي چاندُن جهڙو منظر.

اُتر مُرڪيو، پشم جهڙا، فضا ۾ سنگ جُهومن ٿا،
پرين جڻ پيار پنهنجي جا، سمورا رنگ جُهومن ٿا.

اهڙي طرح حياتيءَ ڪي پيڙي جو پُور سڏڻ ۽ پوڙهي مُهاڻي جو پيريءَ ۾ پيڙيءَ جو ونجهہ وهائيندي، پنهنجي جُوانيءَ تي ويچارڻ وارو هيءُ شعر بہ سندس ئي ڪمال آهي.

حياتي پُور پيڙيءَ جو، وهي آخر وهي ويندي،
مُهاڻي ۾ جوانيءَ جي وچن جا ونگ جاڳن ٿا.

۽ نديءَ جي لُڙ لهرن ۽ شورَ ڪي سُهڻيءَ جي ٻُڏڻ جو اُلڪو ۽ ماتم ڪوڻ واري تشبيهہ ڪي بہ پنهنجا اُلڪا آهن.

نديءَ ۾ شور هي ڪيڏو، ڪنارا ڪُجهہ تہ سمجهايو،
وري سُهڻي ٻڏي ڇا ڪا؟ ستارا ڪُجهہ تہ سمجهايو.

اياز چيو آهي تہ "شخصيتون تاريخ جا پَرَ هونديون آهن". تاريخ جو اهڙو پَرُ سنڌ ۾ سيد امداد محمد شاهہ جي بہ شخصيت هئي، جنهن جي چانوري ۾ سڄي سنڌ پرينءَ جو پاڇو ٻٽيل رهي، جنهن لاءِ اسان جي هن شاعر هينئن بہ چيو آهي تہ:

"خود خدا جي خاص هڪڙي،
خيال جي تصوير هو،
هُو شخص،
سنڌ جي روح جي،
ويراڳ جي،
تحرير هو.

ادب جيئن تہ قومن جي جياپي ۽ ترقيءَ جو اهڃاڻ هوندو آهي، اديب ۽ شاعر تاريخي قوم ۽ ملڪ جا ترجمان ۽ ريبدار هوندا آهن، جيڪي حساس هئڻ جي ناتي هر حالت کان عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻو اڳوات خبردار هوندا آهن، اهڙي ريت شاعر سماج جو حساس جيءُ هوندو آهي، جيڪو پنهنجي سماج ۾ رونما ٿيندڙ هر عمل کان متاثر ٿيندو رهندو آهي.

اسان جو سنڌي ڪلاسيڪل ادب سنڌ جي سماجي جوڙجڪ ۽





www.sindhsalamat.com

جيوت جو ساڪي آهي، ان دؤر جي ذات ڏٺين ۾ بہ لاڙا چوٽ هوندا هئا، هڪڙي لاڙي جو چوڻ هيو تہ بابا! چار سِتون شاعريءَ جون لکي پنھنجي اندر جي انسان کي لولي ڏني سون. هاڻي جڳ جهان کي پُڌائڻ مان پلا کھڙو فائدو، ۽ ٻئي لاڙي وارن شاعرن وري تنبوري جي تار سان پنھنجي ڌرتي جون گهتيون گونجائي، پنھنجي شاعريءَ کي الھامي آواز ڪري پيش ڪرڻ بدران قومي ۽ انسان ذات جو پيغام سمجهي ڪنيو ۽ هر ماڻهوءَ جي ڪنن تائين، انھيءَ جي پڙلاءَ پھچايا، ڀٽائي اسان وٽ انھيءَ لاڙي جو رهبر شاعر آهي.

شاعريءَ جي اها گُونج اڄ جي جديد شاعريءَ ۾ جيئن جو تيئن گونجندي رهي ٿي، ۽ علي نواز ڏاهريءَ جي سموري شاعريءَ ۾ اسان کي اها گونج پرهہ ڦٽيءَ نما لڳي رهي آهي.

**ماڻڪ ملاح**





# تتل تامون

چنيءَ جي پاند ۾ تاڪيل ستار چا جاٽي، محبوب جي راهہ ڏسڻ لاءِ اکيون دز بنجي ويندون آهن. ڏک جي پنھنجي الڳ وستي ۽ جهان ٿيندو آهي، جنھن ۾ عاشق، زماني جا ٺڪرايل ديوانا، شاعر، موسيقار، سنگتراش ۽ مصور رهندا آهن.

عشق جو ڪو بہ مذهب ڪونهي، شاعري خوشبوءِ جو رقص هوندي آهي. درد جي ديس جو مسافر جڏهن هڪ ئي وقت محبوب جي زلفن جو اسير بہ هجي ۽ تخليقڪار بہ تہ زندگي ڦڙو ڦڙو ٿي اجايل چپن تي ٽمندي رهندي آهي، ۽ منهنجو دوست علينواز ڏاهري جاڻيي جي ڦلڙين جھڙا تلخ نظم ۽ غزل لکندو آهي. نواز ڏاهري انهن ذهين پڙهندڙ ۽ لکندڙن مان آهي، جن کي غمِ جانان سان گڏ سماج جي اڻ برابري واري پهلوءَ تي بہ ڏکهي نظر آهي.

سندس نظمن ۾ محبوب جي جوڀن جون انگڙايون بہ آهن تہ ڪچري تي پيل تازي جاوَل پار جي دانھنِ جا پڙاڏا بہ آهن. نواز جي غزلن ۾ چنڊ کي ڇھڻ جي چاهنا ۾ اڌي ساٽي ٿيندڙ چڪور جو ڪرب بہ آهي تہ سماج جي وڏائي ۽ غرور ۾ ورتل نئين دولتمندن لاءِ دل ۾ ڌڪار، اکين ۾ ڪروڌ ۽ چپن تي تلخيون بہ آهن. نواز پنهنجي سيني خوبصورتين سان گڏ ذات جي ڏيهہ ۾ رنگ وکيري رهيو آهي. پيار جي پنڌ تي ڪنيل سندس وکن کي اسين سندس ٿيءَ جا دوست خوشبوءِ جا پاڪر آڇي رهيا آهيون. شاعريءَ جي ورِ وڪڙ رستن تي نواز هوريان هوريان نهايت هوشياريءَ سان قدم رکي رهيو آهي.

نواز جا نظم ۽ غزل سندس اندر جي پيڙا جو پرتوو بہ آهن تہ سماج جي روح ۾ رچيل برائيءَ تي وار بہ آهن تہ محبوب جي اڪيلائي ۾ ڏکندڙ انگڙاين جو اولڙو بہ آهن. زندگي جون تلخيون بہ آهن تہ پيار جي پيچرن تي پوکيل ميندڙيءَ جا پوتا، نازبوءَ جا اچاءِ واڱڻائي گل بہ آهن.

**ساحر راهو**





www.sindhsalamat.com






# چانھوءَ مٿان چنڊ

پرھہ جا ھا پار، ڪوئل ڪوڪي چار تان،
تن جو ڪوئي توجھہ نہ آ، جن جي ڪل چمار،
چانھوءَ جا آثار، پرندا وجن پونءِ تان.

چانھوءَ مٿان چنڊ، سانت سڄو سنسار آ،
سوچيو رات سياح ٿي، مايا ۾ ڇا منڊ!
اڄ بہ ايشيا کنڊ، توجھہ نہ ڏي تاريخ تي.

چانھون چپ چپات، ماڪ پني ماحول ۾،
روئي رڙهي رات، دڙي سندي درد تي.

اڄ بہ ٿو چانھون، سڏي ھر ھڪ سياح کي،
تہ آھيان اُتاھون، عالم جي اتھاس کان.

عشق، عقل جي اوج جي، ھيءَ آ ڪھاڻي،
اکين ۾ پاڻي، چانھوءَ مٿان چنڊ کي.

دڙي تي ھيءَ ٻار، چانھون چپ چپات آ،
تھذيبي تاريخ کان، اڻواقف ڪردار،
ٻارش کان پوءِ يار! ڇا ٿا ميڙين ڇوڪرا.

دڙي مٿان ٻار، چانھون چپ چپات آ،
تھذيبي تاريخ تي، ھي ننڍڙا ڪردار،
ڇا ٿا ڳولھين ڇوڪرا، ٻارش ڪانپوءِ يار،
يا ھي پنھنجا پيار، وڃايل ووڙين ٿا.

ڪيئي منھنجي ڪُکِ ۾، دفن داستان،





www.sindhsalamat.com

آزاديءَ عنوان، سانڍيو وٽان صدين کان.

ڪيئي منھنجي ڪُکِ ۾، عشق سندا اظھار،
چانھونءَ جا آثار، سڏن ساري لوڪ کي.

ڪيئي منھنجي ڪُکِ ۾، دفن ڪٿائون،
اڄ بہ ٿو چانھون، ساري ساڳي اوج کي.

ڪيئي منھنجي ڪُکِ ۾، دفن ڪھاڻيون،
وَريون واچوڙن جيان، اُلِري اماڙيون،
راتيون رت ـ ھاڻيون، سنيران ڏينھن ڏھاڳ جا.

ھيءَ مٿي ھي ماڳُ، ورثو ڪل جھان جو،
پونءِ سندو آ پاڳ، چانھونءَ جا آثار ھي.

چانھونءَ سنديءَ چُپُ مان، ديس ڪئي جا دانھن،
ڪَنُ ڏئي ٻڌي ڪانھن، ماڻھو ماٺ وڪوڙيا.

اُپَ سان آڪاڻيون، دڙي سليون دردَ مان،
ڏنم ڏينھن ڏھاڳ جا، راتيون رت ـ ھاڻيون،
ڪيڏيون ڪھاڻيون، چانھونءَ اوريون چُپُ ۾.

چانھونءَ مٿان مينھن، وسندي وسندي رات ٿي،
جيڪو اپريو ڏينھن، تنھن جھوريو دڙي جيءَ کي.

چانھونءَ تي برسات، آڌيءَ اوھيرا ڪيا،
جيڪا گذري رات، ميٿيائين ٿي ماڳ کي.

دراوڙ ھن ديس جا، "پرھ جا پياڪ"،





جن جي چوطرف ھئي، ڏرتيءَ مٿي ڏاڪ،
چنڊ، چڪورن کي ڏسيا، جلوا پئي حسناڪ،
چانھون مَٿي ماڪ، ماٺ سڄو ماحول ھو.

***

- چانھونءَ جو دڙو، سڪرنڊ ويجھو سنڌ جو مشھور تاريخي ماڳ.

## عشق آريءَ ڄام جو

ڀھاڙن جي ڀنڊ، منھنجو نينھن نڪيريو،
جيئن ھي ساڻا سنڌ، عشق پيو اڳتي ڏِڪي.

ھاڙھو ھيبتناڪ آ، جيڏو ھيءُ جبل،
پوندو پار پرينءَ لئہ، آھي نينھن اٽل،
اديون! عشق عمل، ڏيکاريندو ڏيھہ کي.

جيڏو ھيءُ جبل، اوچو آ، آڪاش ڏي،
ان کان وَڌِ اٽل، عشق آريءَ ڄام جو.

ڀنيرا! جيئن ڀنڀور ۾، داخل ھوت ٿيامِ،
ملي مھمانن سان، جھومي جيءَ پيامِ،
گھٽيون، گھر ڀنڀور جا، سارا سينگاريامِ،
روڙيِ گل رابيل جا، چنگن کي چاريامِ،
ميَن کي مڪران جِي، ٿليون، ٿونئر ٻڌامِ،

خوشيءَ منجھہ خمار جِي، سنجھي جيئن ستيامِ،





www.sindhsalamat.com

اک کلي جيان اوچتو، خالي ھنڌ ڏنام،
تتي دل ٽڪرا ٿي، تاھُو نيڻ ٿميام،
اندر اڌ ٿيام، جاني جوءِ مَٿي ويا.

جاني جوءِ مَٿي ويا، لونءِ لونءِ ۾ ڏئي لوچ،
ماري ٿي معذور ڪي، سڄڻ سندي سوچ،
پيئنر ھاءِ! بلوچ، سَڱ سجاتئون ڪين ڪي.

غمن گھوماتياس، ھوت چڙھي ويا ھيڪلي،
تتل واريءَ تن سڙيو، لُڪُن لوساتياس،
اڄ ۽ بک جي تہ بہ نہ مان، سوچن سلھاڙياس،
نہ رڃن ۾ رڙيون ڪري، واٽن تي ويٺياس،
پربت پنڌ پھاڙ جي، رَتي نہ ٿي روڪياس،
ويتر ٿي وڌندي ويس، تہ پَرين ڪي پڄندياس،
پنھون جڻ مون پاس، وک وک پانيم ويجھڙو.

***





## مورَ پيا مرندا وڃن

مينھوڳيءَ جي منڊ ۾، مري ويندا مورَ!
ڪارونجھر جي ڪورَ، اڳ نہ سوچيو ھو ڪڏھن.

دردَ نہ ڪيون ڏار، ڪارونجھر جون ڪولھڻيون،
سپني سپني سار، ايڏا مور مري ويا!.

چانڊوڪين چڪورَ، چنڊ نہ تڪيو چاھ مان،
رڙيا ريگستان ۾، بيتَ، ڏِتون ۽ ڏورَ،
تن سان تعزيت ڪئي، چانھوڻ، پٽ، پنيورَ،
تہ متي! تنھنجا مور، ابدي ننڊ سمھي پيا.

سڏڪا سڏڪا ٿر، پٽ پٽ ساٽي سوڳ ۾،
سانوڻ ۾ صدمي ورتو، ڳوڙھيءَ جو مندر،
موڳو ڪارونجھر، مورن جي آ موت تي.

ھونئن ئي پونءِ تي بک جو، رڙيو ٿي راڪاس،
ويتر ٿر اداس، مور پيا مرندا وڃن.

***





www.sindhsalamat.com

## هو جو سوار ڪميت تي

هُو جو سوار ڪميت ٿي، آيو پوئين رات،
رڙيون واڪا وات، ڏاريو ڏوڪيندو اچي.

هُو جو سوار ڪميت ٿي، آڏيءَ جو آيو،
سڄڻ پنهنجي سنڌ جا، جوڌا جاڳايو،
ڌرتي بچايو، ڏاريو ڏوڪيندو اچي.

هُو جو سوار ڪميت ٿي، آيو عَصُرَ - ويلَ،
آيا اتر پار ڪان، ڌرتيءَ ڏي ڏاڙيل،
پاڳيا! روڪيو پيل، ڏاريو ڏوڪيندو اچي.

هُو جو سوار ڪميت ٿي، آيو ڏاڍي ڏينهن،
ڏاريو ڏوڪيندو اچي، ڪندو واءُ ۾ مينهن،
دودا! ديس بچائيو، ڪوپا ڪيهر شينهن،
نياڻي وٺو نينهن، سَڏُ اهو ٿوَ سنڌ جو.

❋❋❋





## دهشتگردي ديس

ڏَسِ تون، تن جو ڏوهہ ڪو، اڙي او آڪاش!
ٻورين ۾ بند لاشَ، ڇا هي منهنجو ديسُ آ؟

ڪتل ڏسي ڪتنب ڪي، اٿلي نيڻ پياس،
گولين جي گهمسان سان، ڏڪن ڏيل ڏنگياس،
اڄ پڻ اکين سامهون، ڪونڌر پاءُ ڪٽاس،
هٿيارن جي هوڏ تي، وحشين لڄ لٽياس،
اوندهہ آڌي رات جو، سارو گهر سڙياس،
جيون هن جهان ۾، ڏاڍا ڏک ڏناس،
ڪيڏا ڪيس ڪياس، دهشتگرديءَ ديس ۾.

گولي گولي گهاءُ، پينگهي ۾ پيل ٻارڙا،
ڪَريِ دانهن ڪِريِ پئي، مانيءَ پچندي ماءُ،

رڳجي ات رِيتا ٿيا، پيڻ اڳيان ٻئي پاءُ،
ڦٽڪيو پيءُ پڌر ٿي، وريو سورن واءُ،
ڪٽنب ڪسي گولين جو، ڪيو آڌر پاءُ،
ٿا... ٿا... رڙيون ڳوٺ ۾، سُڌِ نہ ڪوءِ سماءُ،
”ڌاڪو ماريا“ ماءُ، سرخي آ اخبار جي.

سارو شهر سمهي پيو، جاڳيل ٿارچر سيل،
هٿيارن جي هوڏ تي، خوني سارو کيل،





www.sindhsalamat.com

جيون جڻ ڪي جيل، دهشتگردي ديس ۾،

***

## صورت صورت سور

آهن اڌورا پرين! جيون جا سڀ سانگ،
تنھنجي طلب تانگهہ، جياپو جڏي جيءَ جو.

سارَ اوهانجي سپرين! جيئڙو جهوريندي،
ڪپي ڪوريندي، اڳ نہ سوچيو هو ڪڏهين.

هو جي ڳنڍيون هانءَ جون، نيڻن جا ها نورَ،
وڇڙين جا هر ويل ٿا، مارن مون مذڪور،
صورت صورت سورَ، اڄ پڻ جاڳيم جيءَ ۾.

صورت صورت سارَ، اڄ پڻ جاڳيم جيءَ ۾،
ڪھڙا ڪھڙا يارَ! گذريا جيون گس تان.

هينئڙو حبيبن لاءِ، رويو رويو روءِ،
هيءَ نہ ويل وڃڻ جي، سڏڪيو سڏڪيو چوءِ،
پرين! توڪان پوءِ، رهنديون ڳالهيون ڳوٺ ۾.

پرين! تي پري وئين، ڪريان ڪجاڙو؟
روح رڳي راڙو، رهيو آهي روح ۾.

وَڍيو دردَ وجود ڪي، چين ويو، چاهت،





بند پڇي اٿلي پوڻ، اکين تي عادت،
روئڻ ٿيو راحت، مرڪون وسريون من ڪان،

منهنجي هر هڪ ساهَ جي، صدا "تون ئي تون"،
توکي ڄاتو مون، ونحن اقرب ويجهڙو.

منهنجي هرهڪ گيت جي، تون ئي آن گونجار،
ها! مان توکان ڌار، ڪجهہ بہ آهيان ڪين ڪي.

مَن ۾ مچ مجاز جا، اکين ۾ پاڻي،
ڪوري جيئن ڪاٽي، دلڙي درد فراق ۾.

***





www.sindhsalamat.com

## ساڳيو ”م“ مسجد ۾

ساڳيو ”م“ مسجد ۾، ساڳيو ”م“ مندر،
کولي ڏِسُ اندر، هر جاءِ هُو آ هيڪڙو.

مَچِي مچ مواڙ ٿيا، ماٺهوءَ ـ مار مُلا،
ڏسي ڏاڍَ ڏکوئيو، باهُو ساڻ بلا،
اکين منجهہ اُلا، اڏ مان اڏ مان جنڊڙي.

اڏ مان اڏ مان جنڊڙي، ڦاٽن جيئن ڦُلا،
منڙو ماکيءَ لار جيان، اکين منجهہ اُلا،
ڪڙهيو ڪالهہ قصور ۾، بيحد يار بُلا،
تہ ماري هوند ملا، صاف ڪيان سنسار کي.

وارث شاهہ جي هيرَ، رات رني رب پاک سان،
رانجهي واري روپ ها، ڦورو ڪل فقير،
تن جي هٿ تقدير، تون چو چپ چپات آن؟

پيٽ ڏٽيءَ جي پون، سَرَهي آ سنسار ۾،
ڪِٿِ نہ مُکو مون، کو بارودي بمبار آ.

ڪَتِي توڙي چيٽ، ساڳي جُٺِ جهان سان،
پني پارڻ پيٽ، مدرسن منشور ۾.

سپ کي نفل نماز جي، ساڳي ڏي نہ صلاحَ،
جن جو عشق عبادتون، سارا ساهہ پساهَ،





سيني پاڻ سمائيو، عاشق منجهہ الله،
صورت جي ساڃاهہ، ملان! نہ تو معلوم آ.

اڻ پڙهيا آخوند! توکي سُڌ نہ سوز جي،
جيڪر وسي تو مٿان، برهہ جي ڪا بوند،
ءِ مئخاني جي مڌ مان، چُڪو چکين هوند،
تہ ڪرين ڦوندا ڦوند، مذهبن جا مامرا.

مُرڪي ٿو ماضي، پسي هُرڪُر حال جِي،
جيئن بہ پرجا پيڙهجي، راجا تيئن رازي،
مارينڊڙ مخلوق کي، غنڊا جت غازي،
اڄ بہ ٿا قاضي، واجهائين انصاف لئہ.

ڪندا ڪوهہ ڪتاب، سٺ پڙهيائون سُورَ جي،
ساهہ سپئي ساٽيهہ کي، سپ کي تن ثواب،
جن نفعي نقصان کان، اڳتي حد حساب،
اکر انقلاب، هنيئڙي جنين حل ٿيو.

سِٺ پڙهي سُورَ جي، سپ کِي سمجهيائون،
بدمعاشين جي باب کي، ليکو ڏنائو ن،

آزاديءَ جي عشق کي، ڏيهان، ڏنائون،
مرڪندي پئي موت سان، لائون لڏائون،
انهن جا آئون، سڏ سٽان شل سنڌ ۾.

سکو پيٽ سنڌؤ جو، واريءَ دڙا، واءُ،
ماروئڙن جون ماءُ! پاٽي پاٽي ٿيون اکيون.

***





www.sindhsalamat.com

# سڄڻ تنهنجي سار

نيڻن سان گڏ دل، وڇايان تنهنجي واٽ تي،
آءُ تہ هيءَ محفل، مهڪي تنهنجي مرڪ سان.

سڄڻ تنهنجي سار، سدا ساهہ پساهہ ۾،
اچين جي هڪوار، تہ اگهڻ هي اجري پون.

پرين پسائي پاڻ، نيڻن کي نزديڪ ٿيو،
هُن جا خيال خماريا، سوچن جي سرهاڻ،
توڙي جو مون ساڻ، ڪيڏو تہ بہ هُو ڏوُر هو.

سمهي ننڊ سڪون جي، لوڪ جنين آڏار،
چنڊ ۽ چوڪيدار، جاڳن ساري راتڙي.

مرجهيل مرجهيل مُکَ، پسيو جيءَ جهريو پوي،
ڏونگر جيڏا ڏک، پورهيت ڪِي پُڪِي پيا.

سدا سونهن ورونهن ۾، پيار مٿي پهرا،
چوڏهين ـ چنڊ چهرا، قيدي ٻٽيا ڪوٽ ۾.

واءُ اُڏايا وقت جي، حُسن، جواني، هوش،
هيٺائيءَ جو هڏن تي، پيريءَ پهريو پوش،
جواني پنهنجو جوش، وڃائي ويهي رهي.

ڪنهن ستاٽي سانگ، اڄ نہ مليس محبوب سان،
نينهن سندس تي نانگ، ڏنگ هٽي تو ڏيل کي.

ماٽيوسين جو پيار ڪي، سرجيا گيت، غزل،





ملڻ سان محبوب جي، ماٽي سين منزل،
پرينءَ ماڪَ مهل، سرڪيون پياريون سونهن جون.

پئندي سرڪيون سونهن جون، ٿياسين مستومست،
سودو پن دلين جو، ٿي ويو دست بہ دست،
جيڏو سونهن سڪون ٿِي، بخشيو زبردست،
تيڏو بندوبست، پرينءَ ڪيو هو پيار ۾.

***





www.sindhsalamat.com

## سامي صورت ـ ونڊ

سامي صورتَ ـ ونڊُ، اوريو اوري عشق کي،
تيئن تيئن نشا نينهن جا، جيئن جيئن تاڻي تنڊ،
عاشق عقلمند، روئي رجھائي راڳ سان.

هُو جو گيت سنگيت جي، کيو عشق اسير،
چيڙي سُرَ ۾ ساز سان، درد سندو تفسير،
جنهن کي سوز فراق جو تن ۾ اٽڪيل تير،
چاچو ڊول فقير، پيچل هو پئي روپ ۾.

جيئن جو چاچو ڊول، گم ٿيو گيت سنگيت ۾،
سڏڪا اپريا ساز مان، پُريو تيئن جو پول،
ماڪ پئو ماحول، تڙپي اٿيو تند تي.

پُريو پٽ تي پول، "تون ئي تون" جي تار تي،
سڏکي اپريو ساز سان، هر کنهن مِن ـ ماحول،
ظاهر ۾ هو ڊول، عشق سندا آلاپ ها.

***

♦ ڊول فقير، سنڌ جو منفرد اندازَ وارو راڳي.





## يوسف وڇڙيو راڳ کان

هونئن تہ ساري سنڌ آ، فن ۾ فنڪار،
تن جو تون اڳواڻ هئين، يوسف منهنجا يار!
تولئہ سُر ۾ ساز ٿا، روئي ڪيئن پار،
سُڄَ ٿيو سنسار، توريءَ گيت سنگيت جو.

تو جيئن راڄو مارئي، توريءَ ڳائي ڪير؟،
ڪوهياريءَ ۾ ڪيچ جا، پنڌ پڇائي ڪير؟
پيروي ڪان پونءِ جي، دانهن ڪرائي ڪير؟،
پيو نپائي ڪير؟، يوسف توريءَ راڳ سين.

***

تولئہ سڏڪيو سازَ ٿا، ڏاڍا ڪيئن پارَ،
سُرُ سُرُ آ اوچنگار، يوسف وڇڙيو راڳ ڪان.

توکي ساري سڏڪي پيا، سازن جا سُرَ، تارَ،
ڇڏي گيت سنگيت کي، پهتين ڪهڙي پار؟،
يوسف منهنجا يار! تولئہ روئن راڳيٽيون.

موتَ! توتي موتُ، اڇي شل ڪو اوڇتو،
هاءِ وڇوڙيئي هوتُ، يوسف گيت سنگيت ڪان.

***

♦ محمد يوسف، سنڌ جو نامور ۾ استاد راڳي.
هي بيت استاد محمد يوسف جي وفات واري ڏينهن لکيل





www.sindhsalamat.com






چانھوڻ مٿان چنڊ

دڙي جــون دانــهــون ــ
کير ٻڏي ئي کونہ ٿو!

آيـا کــتــک اوچــتــو،
رت ٿــيــون راهــون ــ
کير ٻڏي ئي کونہ ٿو!

دراوڙ ڄــي ديــس ٻــي،
کــاهــن تــي کــاهــون ـ
کير ٻڏي ئي کونہ ٿو!

اڄ ٻــ اوســاري پــيــو،
چــپ نــہ آ چــانــهــون ــ
کير ٻڏي ئي کونہ ٿو!

❋





www.sindhsalamat.com

ڀمڪي ٿو ڀيلو ـ
ساجھر! سنڌوَ ڪپ تي.
چولين چا چولي چڙيو،
ٻيو س ٻٽيلو ـ
ساجھر! سنڌؤ ڪپ تي.
اڇڻو آ اِن ٽڙ تي،
ساجن سويلو ـ
ساجھر! سنڌؤ ڪپ تي.
وڻجارا ويندا رهيا،
آءُ هت اڪيلو ـ
ساجھر! سنڌؤ ڪپ تي.
ٿئي شال "نواز" سان،
محبوبن ـ ميلو ـ
ساجھر! سنڌؤ ڪپ تي.

❊





جيون چٿر، ٿوڪ ـ
بدبودار سماج ۾.
سوچن ۽ سرهاڻ ڏي،
جبري رستا روڪ ـ
بدبودار سماج ۾.
خنجر سپ چڙواڳ ٿيا،
قيدي قلم، نوڪ ـ
بدبودار سماج ۾.
طبقن جي تلوار سان،
وڍيالوءِ ۽ لوڪ ـ
بدبودار سماج ۾.

❊





www.sindhsalamat.com

مرڪي جيئن ڏنوءِ،
ماڙي چڙ تہ چڙيوءِ –
نيڻن ساڻ ”نواز“ ڪي.
بدن بارش ۾ ڀڄي،
چولو ڇهتي پيوءِ،
ماڙي چڙ تہ چڙيوءِ –
نيڻن ساڻ ”نواز“ ڪي.
چني گل ٿاريءَ مان،
اڇلي ايئن ڏنوءِ،
ماڙي چڙ تہ چڙيوءِ –
نيڻن ساڻ ”نواز“ ڪي.
ماڪيءَ جهڙي مرڪ سان،
آڏرپاءُ ڪيوءِ،
ماڙي چڙ تہ چڙيوءِ –
نيڻن ساڻ ”نواز“ ڪي.
سنگهرن سان ئي سونهن جي،
قيدي ڪيو توءِ،
ماڙي چڙ تہ چڙيوءِ –
نيڻن ساڻ ”نواز“ ڪي.

❊





ڏاڍو آن تون ڏور –
الوميان! جيون سارو سور.
سانڍي ويٺس سيني ۾،
پيارا! تنهنجو پور –
الوميان! جيون سارو سور.
ياد اوهان جيءَ ڪان سواءِ،
منٿ نہ گهاريان مُور –
الوميان! جيون سارو سور.
توسان نينهن ”نواز“ جو،
اڪين جو تون نور –
الوميان! جيون سارو سور.

❊





www.sindhsalamat.com

تن ۾ تنوارون،
لڙڪن جون لارون –
وچوڙي جون سوڪڙيون.
مينھوڳيءَ جي مند ڏنيون،
سڄڻن جون سارون –
وچوڙي جون سوڪڙيون.
هرپل آهن هانءَ ۾،
پرينِ – پچارون –
وچوڙي جون سوڪڙيون.
آڏيءَ لکجن شعر تا،
تخيل – اڏارون –
وچوڙي جون سوڪڙيون.

❊





چمڪيا چوڏهين - چنڊَ -
منهنجي سوچ شعور جا.
پينهين پائيمال ڪندا،
جذبا ڪيسين جنڊ –
منهنجي سوچ شعور جا.
ڪنڌؤ ڪيسين ڪوڙسين،
رستا سيئي رنڊ –
منهنجي سوچ شعور جا.
“نواز” منهنجي نينهن تي،
ڏوهہ وجهو پل ڏنڊ –
منهنجي سوچ شعور جا.

❊





www.sindhsalamat.com

رودڻ، چوڪن، رستن تي، ڳوٺ يا شهر اندر -
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.
قانون بہ قاتل تي پوي، دانهن ڏجي ڪنهن در؟
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.
هٿيارن جي هوڏ ٿي ٿو، لچ لٽي لوفر -
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.
ويران سموريءَ وستيءَ جو، گهايل گهايل گهر -
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.
رات تي گهائي روح ڪي، چچريل شام و سحر -
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.
پيڙا پنهنجي پوءِ بہ ساڳي، بدليا دور مگر -
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.
ڪونہ پڇي چو تو خدا! يا، آهہ ۾ ناهہ اثر -
مـحـفـوظ نــہ جــنــدڙي آ.

❊



چانهوڻءَ مٿان چنڊ

سنڌ جي ڌرتيءَ تي،
ڏاڍا ڏينهن ڏٺي -
ماڻهو ٿا اغوا ٿين!
ڪافيون ڪنور رام جون،
ڳونجيون ڪالهہ جتي،
ڏاڍا ڏينهن ڏٺي -
ماڻهو ٿا اغوا ٿين!
ساميءَ، سچل، شاهہ جا،
وارث آهن جي،
ڏاڍا ڏينهن ڏٺي -
ماڻهو ٿااغوا ٿين!
ڏاڙيلن سان دوبدو،
اتڪون هاڻ ڪَٿِي،
ڏاڍا ڏينهن ڏٺي -
ماڻهو ٿا اغوا ٿين!

❊





www.sindhsalamat.com

سنڌ سُکِنِ کان ڏار، توٻي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
دلبرُ ـ ديسُ وکوڙيو ھي، اوندھ جي اختيار،
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
بگھڙن سندو بکُ ٽيون، ھرٽيون چو ھروار؟
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
ھئہ ھئہ لٽيا لوءِ ۾، سانگين جا سينگار،
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
نيرڳ، آڙيون، کونجڙيون، ماري ويا مردار،
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
کيا باھہ بندوق ڄي، ھاڃاھيل ھزار،
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
سھڻيءَ سوگھو ساھہ ٿيو، مُڙندا کيئن ميھار؟
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!
مُرکن آڏو موت ڄي، ڳاڙھا ڳيرو يار،
توتي موت ميار ـ
کھڙي کھڙي سنڌ ڏئي!

❊





سپنا ھرڻ ھئا،
پڇندي نيٺ مئا ـ
جيون ڄي رٽپٽ ۾.
ڏگريون، خالي پيٽ سان،
رلندڙ کير ھئا؟
جيون ڄي رٽپٽ ۾.
سياست چڙ تہ پليگ آ،
کردار بہ چڙ تہ کئا ـ
جيون ڄي رٽپٽ ۾.
امن ڏيو، انصاف ڏيو،
کنھن بہ نہ سڏ سئا ـ
جيون ڄي رٽپٽ ۾.
ذھن کيا مفلوج ويا،
۽ جسمن سندي جئا ـ
جيون ڄي رٽپٽ ۾.

❊





www.sindhsalamat.com

ڪيڏي پيهان ـ پيهَہ ـ
ميلي جي بازار ۾.
حسن هميشہ هيڪلو،
وحشي ٽولا ٽيهَہ ـ
ميلي جي بازار ۾.
رهزن ڪاڻ رقاصہ سوچي،
رقص ڪجي يا ريهَہ؟
ميلي جي بازار ۾.
هاءِ! بڪايل پار جِي،
ڪنهن بہ نہ پڏي ڪيهَہ!
ميلي جي بازار ۾.
❉





سوچ سَتي لڪڙي،
حال اسانجو هي ـ
ڪيئن نيئن تخليق ٿئي؟
واٽن تي وڇڙي ويا، ساڻ هئا ساٿِي،
حال اسانجو هيءَ ـ
ڪيئن نيئن تخليق ٿئي؟
مذهبن جي مامري، ماڻهوءَ مت جلِي،
حال اسانجو هي ـ
ڪيئن تيئن تخليق ٿئي؟
ورتي واين جي جڳهہ، ڊسڪو موسيقي،
حال اسانجو هي ـ
ڪيئن نيئن تخليق ٿئي؟
آکيرا بکُ باهہ جو، پريشان پکي،
حال اسانجو هي ـ
ڪئين نيئن تخليق ٿئي؟
مطالعي جي محل تي، ڪليل آ ٽي وي،
حال اسانجو هي ـ
ڪيئن نئين تخليق ٿئي؟
"نواز" اڄ بہ نينهن تي، بندش آ ساڳي،
حال اسانجو هي ـ
ڪيئن نئين تخليق ٿئي؟
❉

♦ سَتي لڪڙي، وَرَ جي مرڻ کان پوءِ وَنيءَ جي وَرَ سان گڏ جيئري ساڙجڻ واري رسم ڏانهن اشارو.





www.sindhsalamat.com

ماروءَ ماروءَ ماڳ، چوڙيلين جو چاڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
صوفين سنڌي سُنگ جو، واين سان ويراڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
راڻا ڪوڙ رُلي ويا، مومل جو ھر ماڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
لاشا لھرن ھنج ۾، پينرا! منھنجو پاڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
ڳيچ، ڳليون ھر ڳونڻو، سھرا، شاديون، راڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
آمڙين سنڌي آس ھو، پٽڙو پٽڙو پاڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
جيون دوزخ جي دري، سرتيون! سونھن مھاڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.
اجھل گيت اياز جا، پيت ڏٺيءَ جو راڳ –
لھرن منجھہ لڙھي ويو.

❋

2010ع جي مھا ٻوڏ تي لکيل.





حد نہ ڪوءِ حساب –
سرتيون! منھنجي سور جو،
دلڙي درد سھيڙي سميٽي،
ڪارو ڪيو آ ڪتاب –
سرتيون! منھنجي سور جو،
ازخود تنھنجي عشق ۾ وسريو،
سڀ ڪي ڏوھہ، ثواب –
سرتيون! منھنجي سور جو.
فذڪروني اذڪر ڪم، اي،
برھہ پڙھايو باب –
سرتيون! منھنجي سور جو.
حقيقت سان ھمدم ٿي ويو،
خوشبُو خوشبُو خواب –
سرتيون! منھنجي سور جو.
“نواز” تنھنجي نينھن وڃايو،
رڳ رڳ منجھہ رباب –
سرتيون منھنجي سور جو.

❋





www.sindhsalamat.com

سرتيون! سرت، سهاڳ،
موتي مڙندم ماڳ —
الڪن ۾ مان الجھان پئي ٿي.
مون نہ مُئِيءَ جي من آ چيڙيو،
ووءِ ووءِ جو ويراڳ —
الڪن ۾ مان الجھان پئي ٿي.
ننڊ نيڻن ڪان وسري وئي آ،
ڪيڙس سڪ سجاڳ —
الڪن ۾ مان الجھان پئي ٿي.
جيءَ جدائين جهوري جهوريو،
توريءَ ڏيھہ، ڏھاڳ —
الڪن ۾ مان الجھان پئي ٿي.
ڪاڪ ڪنول جيئن ماڪ ۾ مهڪن،
جيءَ چوي تو جاڳ —
الڪن ۾ مان الجھان پئي ٿي.
"نواز" مون لئہ نانءُ پرين جو،
روح رڳن جو راڳ —
الڪن ۾ مان الجھان پئي ٿي.

❊





تنهنجي ساٿ سوا،
ڪانهي درد، دوا —
مون نہ مُئيءَ جو معالج تون آن.
نيهن نپوڙي، نستي ڪئي هان،
رسڻ تو نہ روا،
ڪانهي درد، دوا —
مون نہ مُئيءَ جو معالج تون آن.
تون تہ نہ آئين مند تي موريا،
لاٽيون، لوٽ لوا،
ڪانهي درد، دوا —
مون نہ مُئيءَ جو معالج تون آن.
دِل ۾ درد دريچا دائم،
جهوري جيءَ هوا،
ڪانهي درد دوا —
مون نہ مُئيءَ جو معالج تون آن.
هاڻ حياتي وهہ جون وٽيون،
ساجن تو تہ سوا،
ڪانهي درد، دوا —
مون نہ مُئيءَ جو معالج تون آن.
"نواز" جدائين جان جلي ٿي،
لهسي تن توا،
ڪانهي درد دوا —
مون نہ مُئيءَ جو معالج تون آن.

❊





www.sindhsalamat.com

مادر! آءُ مُٺياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.

جيءُ جداين جانڊهہ جيڏيون!
پيڙائن پيٺياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.

ڪيچي ڪهڙي پهر اٿي ويا!
ليڙن هاءِ! لُٽياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.
پونءِ سموري پُڄَ ڪري ويا،
جيئري جڙ تہ مياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.
ونحن اقرب ويجهڙو جيجل!
سيڻن ڪي سمجهياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.
هاڙهو هوت مَٺِي ويا هاڻي،
ساري عمر سڪياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.
“نواز” نينهن ۾ ننڊ گڏوگڏ!
پنهنجي ڏوهِ ڏڪياس، اپرئي سج اٿياس ـ
جت چڏي هيءَ جوءِ هليا ويا.

❊





خاموشيءَ جو راڳ ـ
ٻڌي ڏِس! خاموشيءَ جو راڳ.
نيڻن نہ هيرج ننڊ تي تون،
جيءُ چوئي تان جاڳ ـ
ٻڌي ڏِس! خاموشيءَ جو راڳ.
ايئن وسارڻ واجب آ ڇا؟
منزل جو هي ماڳ ـ
ٻڌي ڏِس! خاموشيءَ جو راڳ.
او نيٺ تہ ورندو وڻجارا!
پون پنهنجيءَ جو ڀاڳ ـ
ٻڌي ڏِس! خاموشيءَ جو راڳ.
ماڻي وڃ مارڳ پنهنجو،
ساڻيهہ، سرت، سهاڳ ـ
ٻڌي ڏِس! خاموشيءَ جو راڳ.

❊





www.sindhsalamat.com

سرتيون! سڀ ڄمار،
لڙڪن جي ڏئي لار –
هئہ هئہ سامي سُڄَ ڪري ويا.
جن هئي خوشبو باغ بهاريون،
هڪڙي نيڻَ ـ نِهارَ ـ
هئہ هئہ سامي سُڄَ ڪري ويا.
ڏسندي ڏسندي ڏورُ هليا ويا،
پتا نہ تن جا پار ـ
هئہ هئہ سامي سُڄَ ڪري ويا.
ماڪ وَڙي جو ماڻِ مڙهين ۾،
پرهہ نہ ڪابہ پچار ـ
هئہ هئہ سامي سُڄَ ڪري ويا.
ماءُ! مُئِيءَ کي ڏئي ويا ڏک جِي،
نيڻن ميگهہ ملهار ـ
هئہ هئہ سامي سُڄَ ڪرڻ ويا.
”نواز“ جن لئہ نگر نگر ۾،
نيڻ ٽميا ڪيئن نار ـ
هئہ هئہ سامي سُڄَ ڪري ويا.

❊





لڪندي ڪوءِ غزل –
هُن کي ننڊ اچي وئي.
آئي سارَ سڳنڌ کي،
برسِي پيو بادل ـ
هُن کي ننڊ اچي.
جيون ڄڀِ جنِگاهہ مان،
اُڏيو پوپٽُ، پَلُ ـ
هُن کي ننڊ اچي وئي.
مهڪي هير دريءَ مان،
چميو ٻپيروءَ ٻُل ـ
هُن کي ننڊ اچي وئي.
پنو، پين ڪري پيا،
آيو جيئن اجل ـ
هُن کي ننڊ اچي وئي.

❊





www.sindhsalamat.com

پِـــتـــون بُـــتَ بـــڻـــيـــل،
اَڪڙيـن منجهـ اٿـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
ڏهر ڏهـر ۾ ڏٿ لئہ پـٽـڪـن،
مـارو مـاڪَ مـهـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
هيل بہ مينهڻ مند نہ موٽِـي،
ڳـوڙها ڳـوڙها ڳـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
پـل لـئہ درد وسـاري ويـنـا،
پسـيـو مـور مـئـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
مارن سان گڏ مال بہ تڙپيا،
ڪـارا ڪـوهہ سـڪـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.

شڪ تہ ساٺوڻ مهر مٿي ويو،





ڪـڪـر ڪـاوڙيـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
روهيڙن جون لامون لهسيون،
تـڙڪـي ڏار تـتـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون
هيـل بہ رڃ ئـي رڃ رڙي ٿـي،
ويـرانـي ورسـيـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون
هيل بہ ٿن جي پُڪي پڄِي ويا،
گـونـدر گـڏ ٿـيـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
ڪارونجهر جي ڪُکِ ۾ بک جا،
ڪڙِ ڪڙِ ڪانَ لڳل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
شام سمي جو چونئرا چپ جي،
چـادر ۾ ويـڙهـيـل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.
“نواز” ننيڙن ٻارن جا ڪي،
ٿهڪ نہ ڪِـٿِ ٽڙيل ـ
هيـل ٿـريـن جـو درد نـہ پـڇ تـون.

❊





www.sindhsalamat.com








ڪينجهر مٿي چنڊ،
نوري، ستل ناوَ ۾،
چانڊوڪيءَ تي منڊ،

❊

پوئين رات جا پلَ،
ڪنولن وچ ۾ ناوَ آ،
نوري ننڊ ستلَ ۾.

❊

موهيا چنڊ، ڪنول،
تماچيءَ جي ٻانهن تي،
نوري ننڊ ستلَ.

❊

رات جا نيڻ ٽڪل،
چنڊ، ستارا سانت ۾،
نوري ننڊ ستلَ.

❊

ناوَ هوا، چوليون،
نوريءَ مرڪيو ننڊ ۾،
پڪين – پِروليون.

❊

چنڊ، هوا، چوليون،
نوريءَ سپنا چام جا،
پڪين – پروليون.

❊





www.sindhsalamat.com

گهاٽو پير — وڻ،
ڏينهين جهڙي ڏينهن ۾،
هيٺان ٿڪل ڏڻ.

❊

اچانڪ هي شور،
اوندهه آڌي رات جو،
چور... چور...چور!

❊

مستيءَ ۾ آ من،
مون سان رات ملي ويو،
سپني ۾ ساجن.

❊

هيڏو سِي، پارو!
ماڻهو سوڙين ۾ ستل،
ڪڪڙين تي ڪارو.

❊

پيريءَ جا هِي پارَ،
چهري تي گهنجن سندا،
وقت وڇايا ڄار.

❊

ڇڏي آکيرو،
ڇوڪر جي غليل سان،
اڏاڻو ڳيرو.

❊





ڪاوڙ اچي وئي،
خبرون ڏسندي اوچتو،
بجلي هلي وئي.

❊

پوٽِي اڪ فنڪارَ،
ساٿ ڇنو سڏڪي پئي،
تنبوري جي تارَ.

❊

گهائي ٿو هي غم،
هُن جي ڦوٽوءَ کان سواءِ،
اڻ پورو البم.

❊

آئي جو هولي،
رنگن جي برسات ۾،
ڇهٽي پيس چولِي.

❊





www.sindhsalamat.com

ململ جي ديوار،
تنھن کي چيري چاڙ تہ نڪتا،
ھُو ڄڀي ارھ، اپار.

❉

ناٺ ھوندي بي نام،
چوريءَ جي چاتيءَ تي،
مصر جا احرام.

❉

اندر چيرون چھڪ،
ھر پل سنگت جي اڳيان،
پوءِ بہ ڪوڙا ٿھڪ.

❉

ٽڙپي پيو آڪاش،
ڳوڙھا ڳاڙي ماڪ جا،
لڙھندو ڏسي لاش.

❉





## پنجڪڙا

ھي آڳ اسانکي ساڙيندي،
ھيءَ معاشي جا بدحالي آ،
ءِ ان جو درد مشالي آ،
دل لڙڪ لھوءَ جا لاڙيندي،
ھيءَ آڳ اسانکي ساڙيندي.





www.sindhsalamat.com








عشق! اسان وٽ آئين چو؟
کيڏا اڳ خوشحال هئاسين،
خوشين سان مالامال هئاسين،
توئي روج ڏنو تحفو،
عشق! اسان وٽ آئين چو؟

❊

جيسين عشق نه آيو هو،
ياد نه هئي انتظار نه هو،
غم، اوسيئڙو، آزار نه هو،
بس جيئڻ چڻ ته اجايو هو،
جيسين عشق نه آيو هو.

❊

هيءَ يار پريمِ ـ کَهاڻي آ،
دردن ۾ آ دلڙي گهايل،
نيڻن ۾ چڻ لڙک سجايل،
۽ کوري جيئڻ دل کاڻي آ،
هيءَ يار پريمِ ـ کَهاڻي آ.

❊





www.sindhsalamat.com

عشق لڳو پک يار اٿئي،
هيءِ لڙک اٿئي جِي ڳل تي،
چڻ کي ماڪ ڦڙا گل تي،
شايد ڪنهن جي سار اٿئي،
عشق لڳو پک يار اٿئي.

❊

نيٺ تہ مونکي ساريندين،
آءُ نہ هوندس توسان گڏ،
سڏ ۾ ڪوبہ نہ ڏيندئي سڏ،
هنجون پوءِ تون هاريندين،
نيٺ تہ مون کي ساريندين.

❊

عشق ۾ ائين چاتو مون،
ڇا جو پاپ ۽ ڇاجي پُڄَ؟
ڇاجي بک ۽ ڇا جي اُڃَ؟
منهنجي من ۾ "تون ئي تون"،
عشق ۾ ايئن چاتو مون.

❊





بس عرض منهنجو تون ياد ڪجان،
جنهن وقت بہ من بي چين ٿيئي،
سنگيت بہ جِي سکون نہ ڏيئي،
تون مون وٽ پوءِ هليو اچجان،
بس عرض منهنجو تون ياد ڪجان.

❊

جنهن ڏينهن نٿو تو سانڍ مِلان،
ٿو روح پرين بيچين رهي،
۽ بيحد پيڙا دل ٿي سهي،
ٿو سارو ڏينهن لڇان، لوچان،
جنهن ڏينهن نٿو توسانڍ مِلان.

❊

تنهائي بہ تہ گهائيندي آ،
ايڏو ڇا لئہ پيار ڪيو هئيہ؟
سنگدل کي ڇو يار ڪيو هئيہ؟
ڇا تہ الاءِ فرمائيندي آ،
تنهائي بہ تہ گهائيندي آ.

❊





www.sindhsalamat.com

تنهائي ٻه ته پورن جو ناڻُ،
پنهنجا درد ۽ دنيا جو غم،
مقتول تمنائن جو ماتم،
سوچَ ٻه چڻ سورن جو ناڻُ،
تنهائي ٻه ته پورن جو ناڻُ.

❉

سڪون پنهنجو برباد نه ڪر،
خوابن جون ٿو قبرون کوٽين،
سوچ ته ڇو ماضيءَ ڏي موٽين،
گذريءَ کي بس ياد نه ڪر،
سڪون پنهنجو برباد نه ڪر.

❉

وقت صفا واري نه ڇَڏئي،
ماضيءَ تي تون مرڪي پئين ٿو،
حال تي ٿهڪ وڏا تون ڏين ٿو،
مستقبل رئاري نه ڇَڏئي،
وقت صفا واري نه ڇَڏئي.

❉





يادگيرين جا ورق ورن ٿا،
وقتِ محبت گذري ويو آ،
سنگدل کي سپ وسري ويو آ،
سوچي من ۾ مچ ٻرن ٿا،
يادگيرين جا ورق ورن ٿا.

❉

اداس من کي سڪون گهرجي،
هن ويلي ڪوبه ڪتاب نه آڇ،
گيت، سنگيت، شراب نه آڇ،
ڏات کي دل جو ٿو خون گهرجي،
اداس من کي سڪون گهرجي.

❉

واعدا ڪوبه نه پاريندو،
تنهنجي من جي ويرانيءَ ۾ تي،
شاعر! تنهنجي خودڪشيءَ تي،
ڳوڙها ڪو ٻه نه ڳاڙيندو،
واعدا ڪوبه نه پاڙيندو.

❉



www.sindhsalamat.com

دوست! اسانکي دردَ نہ ڏين ها،
سنگت ساٿ ڪان منھنڙو موڙي،
دل ۾ دک جو خنجر ڪوڙي،
ڏوراھين بہ نہ ڏيھہ وڃين ها،
دوست! اسان کي دردَ نہ ڏين ها.

❊

وقت جِي وِير ورھاڱو چاھيو،
مفادن جي ٿي ويڙھہ وڏي ھئي،
سياسي ڪتن لئہ ڏرم ھڏي ھئي،
ھر ڪنھن پنھنجو ڀاڱو ڦاھيو،
وقت جِي وِيرَ ورھاڱو چاھيو.

❊

تون، مان چا لئہ ڌار رھون،
تون بہ رسڻ جون ڇڏين ادائون،
ءِ مان ٿوڙيان ڪُل انائون،
ھڪ دل ٿي ڀيھار رھون،
تون مان چا لئہ ڌار رھون.

❊





ھاڻ تہ يار ٿھي بہ وڃو،
توکان ڌار بہ ڪيئن جياسين،
پتيون پتيون وکري وياسين،
ڪائي سار لھي بہ وڃو،
ھاڻ تہ يار ٿھي بہ وڃو.

❊

ھي ستارا يا رات جون ڪي اکيون!
تڪينديون رھن نيڻ ڪويءَ جا پنل،
جدائيءَ ۾ جلندي لکيل ڪي غزل،
لفظ وکريل يا گلابن جون ڪي پتيون!
ھي ستارا يا رات جون ڪي اکيون!

❊

نينھن تہ سَچُ ناسور آ،
آڌي رات قلم ءِ تون،
جنھن جي تات قلم ءِ تون،
ڏور گھڻو سو ڏور آ،
نينھن تہ سَچُ ناسور آ.

❊





www.sindhsalamat.com








## گم ٿيل شهر جي ڪٿا

ڪٿا هن شهر جي يارو! صدين کان ڀي پراڻي هئي،
لٽيل تهذيب تي حملن جي پَل پَل جي ڪهاڻي هئي.
پهريون تحفو بسنتي جو، ڀَري جهوليون گلابن جون،
ڏيڻ گهر گهر ۾ مالهڻ جي، ايندي معصوم نياڻي هئي.
شهر جي شاهي مندر ۾، امڙ ڌرتي جي مورت ڪِي،
مٿو ٽيڪڻ هجومن ۾، ايندي راجا سان راڻي هئي.
گليءَ جي موڙ جي هُن ڀَر، چون ٿا کوهہ هوندو هو،
جتان خلقت سموريءَ جي، سدا اڃ پئي اجهاڻي هئي.
جهازين جون ونيءون تڙ ٽي، اچي موهينديون ڏيئا هون،
جڏهن پن ڇڻ سندي رُت جِي، اچي ويندي پڄاڻي هئي،
تڏهن معصوم اکڙين مان، اُڏيا ٿِي ننڊ جا پوپٽ،
ٻڌي ٻارن جو ٻيڙيءَ کان، ڪا پرين جِي ڪهاڻي هئي،
گهڙي ڇا سنگتراش هڪڙي، حسين ڌرتيءَ جي مورت هئي،
۽ انهيءَ سال هن نگريءَ، وڏي خوشحالي ماڻي هئي.
هِتي گيتن ۽ رقصن کي، تہ حاصل خاص تقدس هو،
هتي هر شخص جي يارو! طبيعت عاشقاڻي هئي.
جنهن لئہ تڙپي ڪوي ڪوئي، رچيندو گيت هو غم جا،
ڪنولن کان بہ ڪومل سا، هتي جي ڪا مهاڻي هئي.
انهن جي عشق جا قصا، ڌرم ڌرتيءَ سندو بڻيا،
سدا تاريخ مان "نواز"، اهڙي خوشبو اڏاڻي هئي.





www.sindhsalamat.com

چانھوڻ جي اوج جي پسمنظر ۾ لکيل نظم.

## سؤ روڳ زندگيءَ جا

سؤ روڳ زندگيءَ جا،
ڪھڙا چتائي سگھنديون؟
ڪوري , پلا ڪيئن ڪيڏنديون؟
مون کي طبيب! ڏَسِ تون.
اظھار اک ــ لڳيءَ جا،
دل جي ديوانگيءَ جا،
وچڙي ويل چُميءَ جا،
مرڪن جي غائبيءَ جا،
سؤ درد دل دکيءَ جا،
تقدير جي ٺڳيءَ جا،
روزگار جي تنگيءَ جا،
انصاف جي آڏيءَ جا،
جندڙي جھريل جڏيءَ جا،
بي معنيٰ بندگيءَ جا.
اسبابَ خودڪشيءَ جا،
احساس جڻ ڪويءَ جا،
سئوَ روڳ زندگيءَ جا.
ڪھڙا چتائي سگھنديون؟
ڪوري پلا ڪيئن ڪيڏنديون؟
مون کي طبيب! ڏَسِ تون،
مون کي طبيب! ڏَسِ تون.!!

***





## ھر دور جي ڪربل جي، ساڳي تہ ڪھاڻي آ

ھر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي تہ ڪھاڻي آ.

ھر دور جِي ظالم لاءِ، مظلوميت ڪي مڇڻو آ،
ابن زيادن، شمرن سان، ھر جاءِ ٿيڻو پاڻي آ،
ھر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي تہ ڪھاڻي آ.

هُتِ پياسا ٿي تڙپيا، جو فرات تي ھا پھرا،
ھِت سنڌوءَ مان واري، چوطرف اڏاڻي آ،
ھر دور جِي ڪربل جي، ساڳي تہ ڪھاڻي آ.

برسات ۾ تيرن جي، ھُت جلندا رھيا خيما،
ھِن ديس جي جُھوپن جي، ڪت آڳ اجھاڻي آ!
ھر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي تہ ڪھاڻي آ.

ھر طرف ڌماڪا ۽ رت، باھ، دونھون، دانھون،
مقتل چا اجوکي جِي، ٿيڻي نہ پڇاڻي آ؟
ھر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي تہ ڪھاڻي آ.





www.sindhsalamat.com

اصغر جي عمر جيڏا، معصوم ڪتا هِت ڪئين،
هِت گهاوَ گلابن ڪي، ها! رِيت پراڻي آ،
هر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي ته ڪهاڻي آ.

۽ اڄ جي سڪينه جِي، پيڙا به ته ساڳي آ،
آجيل ۾ ڀاءُ جنهن جو ۽ پيءُ شهادت ماڻي آ،
هر دور جِي ڪربل جي، ساڳي ته ڪهاڻي آ.

هڪ چانوَ هٿيارن جِي، ٻيو فوج غدارن جِي،
رت پياڪ يزيدن جِي، ڇو اڄ نه اجهاڻي آ؟
هر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي ته ڪهاڻي آ.

اي ڪاش! امام اچِي، هي حال ڏسين سنڌ جو،
هر من ۾ ماتم آ، غم جي نه پڇاڻي آ،
هر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي ته ڪهاڻي آ.

اي ابن علي! تنهنجي، سنت ٿي سڏي ٻيهر،
جو وڙهندي وڙهندي ڪرڻي، هاڻي هڪ هڪاڻي آ،
هر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي ته ڪهاڻي آ.

مون دل جي لغت جو پڙهي، هي لفظ مليا ان مان،
تصويرِ ڪرب و بلا، اڄ سنڌ نماڻي آ،
هر دور جِي ڪربل جِي، ساڳي ته ڪهاڻي آ.

❊❊❊





## سمجهي خواب وساري ڇڏجان

زندگي خوبصورت آهه مگر،
موت ايڏو به خراب نه آ.
زندگيءَ جا پُرُ رونق رستا،
موت جو نانءُ عذاب نه آ.
درد، پيڙا ۽ الجهن کان بس،
نجات ڏي هڪ رستو آ.
بک بيماريون، مهانگو جيون،
موت اٿل ته به سستو آ.
پل اڳتي اوندهه هجي ته هجي پر،
آرام جي لاءِ ضروري آ.
ٿڪل، ٽٽل ذهنن لاءِ،
سُڪون وڏي مجبوري آ.
ها! وارن ۾ نازڪ آڱرين يا،
ڳلَ ـ چُمين جو ڇهاءُ نه ملندو.
وصال کان پوءِ ته وڇوڙي جو پر،





www.sindhsalamat.com

دل کي گھرو گھاءُ نہ ملندو.
روز جا رنج، رساما، شکوہ،
تن جي کاٻہ شڪايت نہ رهندي.
دل رکجڻ ۾ اک بند ٿيڻ بعد،
دک جي وِير نہ چڙهندي لهندي.
تنهنجي پيار کان اڳ ۾ جاني!
ڪنهن وٽ بہ مون لئہ نفرت نہ هئي.
اڄ هَرُ من ٿانڊا منهنجي لئہ،
جنهن وٽ بہ مون لئہ نفرت نہ هئي.
ڇا لفظ زخم هن؟ ڇئي ڏي جاني!
بس هاڻي ڪتاب بند ٿيڻ ئي گهرجي.
محبوب ڪجان هر غلطي معاف!
زندگيءَ جو باب بند ٿيڻ ئي گهرجي.
جنهن وقت بہ منهنجي سار اچئي،
سمجهي خواب وساري ڇڏجانءِ.
جهڙو بہ هئس بس تنهنجو هئس،
سٺو يا خراب وساري ڇڏجانءِ.

❋❋❋





## جنوني حڪمرانو! جنگيون نہ ڇيڙيو

اگر جنگ جو وحشي، ستل ڀوت جاڳيو،
۽ ڪٿي ڪنهن بہ جاءِ ڄي ايٽم ڪو ڦاٿو،
شروع ٿيو هي سلسلو تہ، رڪجي نہ سگهندو،
انسان تہ ڇا يزدان ڪان بہ وسري نہ سگهندو.
تہ تصور ڪان زياده تباهي ٿي ويندي،
۽ ويران خدا جي، خُدائي ٿي ويندي،
ڪٿي چنڊ جهڙا، ڪي چهرا نہ رهندا،
۽ ڀوپٽن جا گلابن تي پهرا نہ رهندا.
نڪي ساز، سُرندا نہ سنگيت رهندا،
پيار وارا ڇپن تي نڪي گيت رهندا.
پهاڙن تي وسڪار ۾، ڪِي مورا نہ ٻُرندا،
سڄڻ پنهنجا ساري، نڪي جيءَ جهرندا.
نہ ٻاجهر ڄي ڪيتن ۾، پيهن تي هڪلون،
نڪي انب، ڏاڙهون، ڪجورون ڪي پڪلون.
نڪي ناچ، ڏونڪا، نہ جهمريون جمالا،
نہ ٿم ٿم ٿانڊاٽا، نہ اوندهہ ۾ اجالا.
نہ مچ تي ميڙاڪا، نہ راڳن ـ رهاٽيون،
نہ ٿر ۾ ٿريلن جون، قربن ـ ڪهاٽيون.
نڪي شام ويلِي، وري ڏڻ ڪي ورندا،
پرهہ جو پاٽيءَ تي، نڪي هنجَ تَرندا.





www.sindhsalamat.com

نہ چنڊ لئہ چڪورا، پريشان رهندا،
۽ سورج مکي سج لئہ نہ حيران رهندا.
نہ ٻارڙن جون معصوم، ٻوليون کي ٻاتيون،
نہ پرهہ جو پکين جون کي لامن تي لاتيون.
سمنڊن جي سينن تي، ڪڏهن سڙهہ نہ پَسبو،
نہ هوا جي هندورن تي، ڪونجن جو ڪٽڪو.
نہ مورن ٽهوڪا، نہ ڪوئل جون ڪوڪون،
اڌ ٽيل اندر مان، نہ بانسريءَ کي ڦوڪون.
نہ رنگين گلڙا، نہ ئي وَلِ ڪا رهندي،
نہ مسجد نہ مندر، نہ ديول ڪا رهندي.
نہ عيدون، باراتون، نہ هوليون، نہ ڏياريون،
نہ ميلا، نہ ٻيلا، نہ ٽانگر، نہ ٽاريون.
نہ شاديون، مراديون، نہ مينديون، نہ لاڏا،
نکي گهوٽ، گهوڙا، نکي سڏ ـ پڙاڏا.
نہ ڪنڌين تي ڍنڍن جي، ڪنول ڪوبہ ترندو،
ڪٿي آبي جيوت جو، نکو نانءُ رهندو.
نہ باغن ۾ بلبل، نہ محفل ڪا رهندي،
نہ ڪنهن لئہ ڌڙڪندڙ، ڪٿي دل ڪا رهندي.
هٿيلن هرٽن جون، کي ٽوليون نہ رهنديون،
۽ ٿر ۾ ٻاپيهن جون کي ٻوليون نہ رهنديون.
نہ محلات، ماڙيون، نہ ئي ڪا حويلي،
نہ نرگس، نہ موتيا، نہ چمپا، چمبيلي.
نکا سونهن رهندي، نہ سونهن جو ڪو تصور،
اکين سان چُمڻ جهڙو نہ محبوب منظر.
ها! ڌرتيءَ تي عزرائيل سندو رقص ٿيندو،
تہ جهنگلي جيوت جو بہ اچِي انت ويندو.
نہ بندر، بازاريون، نکي بحر رهندا،





نکي ڳوٺ ويڙها، نکي شهر رهندا.
ڪٿي ڪين رهنديون، کي جوڀن جوانيون،
رڳو موت رڙندو، رڳو ئي ويرانيون.
نکي فڪر، فلسفا، نکي فهم رهندا،
نکي سوچ، ڌارائون، نکي وهم رهندا.
نہ تهذيب ۽ تمندن جا تڪرار رهندا،
نہ تاريخ رهندي، نہ ڪردار رهندا.
نہ ٻوڌي، نہ جيني، نہ سورج ـ پرستا،
نہ صوفي، نہ سامي، نکي بت ـ پرستا.
نہ انجيل، گيتا جو ڪو گيان رهندو،
نہ بائيبل ڪٿي ۽ نہ ڀڳوان رهندو.
نہ رهندو، نہ مسلم، نکي، سِکَ، عيسائي،
نکو ڌرم رهندو، نہ ڪا قوم ڪائي.
نکي رنگ، روشنيون، نہ خوشبوءِ رهندي،
سڙيل لاش چوطرف بدبوءِ رهندي.
ڪٿي ڪنهن جڳهہ جي، ڪو ”جيون“ بہ بچندو،
تہ انڌو، يا منڊو، يا لُولو، يا لنگڙو.
جياپي ، مان تنگ سوبہ منتظر موت جو،
هر آهہ زخمي، هر ساهُہ سڏڪو.
سلامت جسم ڪنهن ۾، رهيو جي بہ ”هٿ“ ڪو،
تہ جنگي جنون جي، ڏيندو منهن تي ٿونڊو.
سموري فطرت جو، ڇو ٿا موت چاهيو؟
هر زندگي ٿئي، ڇو ٿا فوت چاهيو؟
پنهنجي وحشيتن تي، ٻتيهون نہ ٽيڙيو،
جنوني حڪمرانو! جنگيون نہ ڇيڙيو.
جنوني حڪمرانو! جنگيون نہ ڇيڙيو.

***





www.sindhsalamat.com

## تنھنجي پيڙي هردي ۾ ڪو،
## ذاهــر وارو روح هـــئـــو.

تنھنجي فڪر منجھہ فنا ٿي سيد! سنڌڙي ساري آ،
تو جو خواب ڏٺو هو سيد!، تنھنڪي سنڌ سچآتو آ.
تو پيچل پنجي سئن هئين جا، تنھنڪي پنھنجو ڄاتو آ،
ٿو پن پن مان پڙلاءُ اچي ، جو آتو آ تنھن ڳاتو آ.
توئي معنيٰ بخشي سيد! موهن جي آثارن کي،
نوريءَ ڄام تماچيءَ کي ۽، ڪينجھر جي تہ ڪنارن کي.
ساٽيھہ سونھن ـ سنگھارن کي ۽، مارئيءَ توڙي، مارن کي،
ڪارونجھر جي مورن کي ۽، مڪليءَ جي تہ مزارن کي.
ڌرتيءَ سرتيءَ پنھنجيءَ جي هن تاريخي ڪردارن کي،
"مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون"، هوشوءَ جي للڪارن کي.
مخدوم بلاول، شاهہ عنايت، دولهہ، دودي پارن کي،
توئي معنيٰ بخشي سيد! ڏاهر جي ڏهڪارن کي.
توئي پردو چاڪ ڪيو هِت، ملان، پير مڪارن جو،
وطن فروش وڏيرن جو ۽، سارن ديس ـــ غدارن جو.
نائون جي ناجائز ٻارن جو ۽، سازشين سردارن جو،
جي ڪرسيءَ عشق انڌا ڪياتن اڄ جي چنيسر پارن جو.
توئي پردو چاڪ ڪيو هِت، ٻاهران اينڌڙ ڌارين جو،
جيڪو سنڌلئہ گونگو ٻوڙو، تنھن کي ڪِٿِ تو معاف ڪيو هو.
تون ئي پهريون دانشور جنهن، ثابت صافئون صاف ڪيو هو،
شاهہ لطيف آ قومي شاعر، پُٽ ڏيندڙ ڪو پير نہ آ.
جيڪو پيٽ تي پاسون پاسي، زندهہ سو بہ ضمير نہ آ،
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، پورهيت جو ڪردار ڏٺو.





پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، سونهن ڏٺي، سنسار ڏٺو،
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، باغي هر ڪردار ڏٺو.
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، سهڻيءَ سان ميهار ڏٺو،
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، سنڌو تارئون تار ڏٺو.
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، غلاميءَ کي ڇڻ ڳار ڏٺو،
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، آزاديءَ سان پيار ڏٺو.
پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ تو، ڪرندي قهري ڪوٽ ڏٺو،
"هڻ هڪلڻ پيلي سارڻ"، ارڏو هر اڻ موت ڏٺو.
ڌرتي، ڌرتيءَ وارن لئہ تو، وڙهندي چوٽان چوٽ ڏٺو،
آزاديءَ جا نعرا هڻندي، گھايل هرڪو گھوٽ ڏٺو.
سوات، وزيرستان منجھان هِت، دهشتگرد گھرائن پيا،
خودڪش بمبار گھرائي هِت ڪا، رت جي راند رچائن پيا،
آپريشن جِي آڙ وٺي هِت، آءِ، پي، ڊيز پچائن پيا،
سنڌ جي ساري ڌرتي هاڻي، ويرين کان ولرائن پيا،
پاڻي بند ڪري هت پنهنجو، ساري سنڌ سڪائن پيا،
پيٽرول، ڪوئلو، گئس هتي جي، پنجاب وٽ پڄائن پيا،
پوءِ بہ سنڌ جا ويري بڻيل، توڙي سنڌ جو کائن پيا،
ناٽو، پاٽي لکي ڏنائون تہ بہ، سنڌي پاڻ سڏائن پيا،
لعنت وارو طوق سدا لئہ، پنھنجي لئہ لکرائن پيا،
او سيد! تنھنجا ٻار ڏنگا اڄ، تن سان هِت ٽڪرائن پيا،
او سيد! تنھنجا ٻار ڏنگا هِتِ، جيئري خوب جلايا ويا،
ڪي شينهن شهيد ڪرايا ويا، ڪي گوليون هڻندي گھايا ويا،
ڪي ڪنهِي گم ڪرايا ويا ۽ ٽارچر سيل پچايا ويا،
چچريل چچريل لاشا تن جا، اونده ۾ اڇلايا ويا،
تن سان تنھنجو ناهہ نہ هو جن، قوم کي گھرو گھاءُ ڏنو،
قوم کي قوم مڃايو توئي، ساهہ ڏئي ويساهہ ڏنو،
آزاديءَ جي ديويءَ کي تو، مان ڏئي مرڪايو آ،
توئي قلم جي طاقت سان هت، قومي ڪفر ڪنبايو آ،
عيسيٰ، گانڌيءَ کان پوءِ تون جنهن اهنسا اپنايو آ،





www.sindhsalamat.com

صوفين واري سوچ ڪٽي تو، پنھنجو فڪر پچايو آ،
جو جيئي سنڌ چئي جان ڏيڻ ڪان، ڪنھن به نه هِت گهبرايو آ،
ڦاهيءَ ڦندا چمندي چمندي، پنھنجو نينھن نڀايو آ،
توکي سُڌِ سموري هئي هيءُ، جهونا ڳڙهه جهري پوندو،
توکي سُڌِ سموري هئي هيءُ، ڦهر جو ڪوٽ ڪِري پوندو،
ٔ ڪلاچيءَ جي ڪن ڏي ڪوئي، موريو مير وري پوندو،
هي ٺلهو ٺنيرو ٺونا هٽندڙ، متل مڇ مري پوندو،
توکي سُڌِ سموري هئي هِت، ڏيل انھيءَ جو ڏري پوندو.
وقت جي ڪنھن به يزيد اڳيان هِت، تنھنجو ڪنڌ نه جهڪٽو هو،
تنھنجي ڏاهپ، ذات اتم هئي، تنھنجو قلم نه وڪٽو هو،
وقت جي تيز طوفانن اڳيان، تنھنجو قدم نه رڪٽو هو،
توئي سامي، صوفي بنجي، اندر سنڌ جو اجاريو هو،
ڪوڙ جي منھن تي ڌوڙ مَلي تو، سَچَ جو ٻيڙو تاريو هو،
سو ته اجان ٿو پڙڪا ڪائي، ٻارڻ جو تو ٻاريو هو،
ڪن لئه ماڪيءَ لار ته ڪن لئه، ٺهڪي نڪتل ٿوهه هيو،
ڪن لئه آب زم زم هو ٔ، ڪن لئه ڪارو ڪوهه هيو،
تنھنجي ٻيڙي هردي ۾ ڪو، ڏاهر وارو روح هيو.
تند، ڪٽاري، ڪنڌ سندو هتِ، توئي ڄاتو راز آهي،
تنھنجو فڪر سمورو سيد! پرهه ڏانھن پرواز آهي،
تنھنجو فڪر سمورو سيد! عشق سندو انداز آهي،
چارڻ واري سئن آ ساڳي، سرمد جو آواز آهي،
منصورن جي مام آ ساڳي، سچل جو سُرُ ساز آهي،
جيئي سنڌ سدائين جيئي، سنڌ سڄيءَ کي ناز آهي،
تنھنجو عشق ٔ عظمت سيد! صدين تي ڀي ڀاري آ،
تنھنجي فڪر منجهه فنا ٿي، سيد! سنڌڙي ساري آ،
تنھنجي فڪر منجهه فنا ٿي، سيد! سنڌڙي ساري آ.

***

سيد اعظم سائين جي ايم سيد کي پيٽا





## سيد جي سنڌ کان موڪلاڻي

چڙي سپ بھارون، خزائون وچان پيو،
هڪ ذات منھنجي، ٻيو آئون وچان پيو.
آزاديءَ جون ٽولئه، گھلن شل هوائون،
ڪندو ديس توکي، دعائون وچان پيو.
نه مايوس منھنجي، ٿجان قوم ڪڏهين،
ڪيو ناڻءُ تنھنجي، وفائون وچان پيو.
غداريءَ جا الزام، خوش ٿِي قبوليم،
توڙي مون کي ڪافر، سڏيائون وچان پيو.
پيا زندان ٿڪجي، نه جذبا جهڪيا ها،
ڪيون عشق زائل، سزائون وچان پيو.
ڪو زندان سان پيچ پاٻي خبر ڇا؟
ٿيو اڄ اڪيلو جو آئون وچان پيو.
حَسين خواب منھنجي، جي پارت اوهان کي،
ڪريو ساپيان جون، صدائون وچان پيو.
مان صوفي لا ڪوفي هان حيدر جو پوٽو،
وساري سين جون، جفائون وچان پيو.

***

سيد اعظم سائين جي ايم سيد جي وڇوڙي تي لکيل نظم.





www.sindhsalamat.com

## روح جي ويراڳ جي تحرير

خود خدا جي خاص هڪڙي،
خيال جِي تصوير هو.
هُو شخص سنڌ جي روح ڄي،
ويراڳ جي تحرير هو.
هُو شخص سنڌ ڄي درد ڄي،
درمان جِي تدبير هو.
هُو شخص پنهنجي ذات ۾،
نئين سنڌ جِي تعمير هو.
هُو شخص هو جو آجپي ڄي،
عشق جو تفسير هو.
۽ خود خدا جي خاص هڪڙي،
خيال جِي تصوير هو.

❊❊❊

سيد امداد محمد شاهه جي نانءُ





## هڪ صديءَ جي سيني ۾ اڄ
## سورهن ساله دل ٿي ڌڙڪي

منهنجي ديس جو هڪ ليکاري،
اٿڪي روز عقابن سان ٿو.
آزادي جا اڇڙي آهي،
جيئي ان ڄي خوابن سان ٿو.
جنهن ڄي قلم ڄي نوڪ منجهان هِي،
قول ڦٽن پيا محبت جا ڏِسُ.
ماروئڙن ڄي مُرڪُن جا ۽.
آزاديءَ ڄي عظمت جا ڏِسُ.
جنهن ڄي قلم ڄي نوڪ منجهان هِي،
سنڌڙي پئي ٿي ساهَه کڻي.
علم، ادب ۽ عشقِ ـــ وطن جا،
وَرَ وَرَ پئي ويساهه کڻي.
جنهن جي آڏو ديس جو دشمن،
ڪمان آڏو ڪانءَ جيان آ.





www.sindhsalamat.com

ڏُور ڪان ايندڙ هم وطنن لاءِ هُو،
ٿڌڙي ڪوري ٿانءَ جيان آ.
ٿاڪ منجهند ڄي ٿاٽي ۾ هُو،
نم جي ٿڌڙي ڇانءَ جيان آ.
هن جو ساٿ سڳنڌ سمان آ،
جيجل جي جهڻ هانءَ جيان آ.
هن جي محبت ڪتڻي ناهي،
ڌرتي، ڌرتيءَ — ڇاين سان.
ساميءَ جي تہ سلوڪن سان ۽،
شاهہ لطيف جي واين سان.
هُو سنڌ وطن جو ارڏو عاشق،
سچل واري سوچ جو وارث.
سيد واري سوچ ذهن ۾،
شيخ اياز ڄي لوچ جو وارث.
سنڌڙي جنهن جي جندڙي آهي،
جنهن تان گهور ٿئي ٿو پيو.
"عالم سڀ آباد ٿين" بس،
فڪر لطيفي پيئي ٿو پيو.
جنهن جو دين ڌرم آ ڌرتي،
جنهن جي لاءِ جيئي ٿو پيو.
هن جو تخيل عَلم اتاهون،
چوٽ خلائن ۾ ٿو ڦڙڪي.
هڪ صديءَ ڄي سيني ۾ اڄ،
سورنهن سالہ دل ٿي ڌڙڪي!!!

***

سائين محمد ابراهيم جوئي کي سئو سالا جنم ڏهاڙي تي ڏنل پيتا.





## قنديل جا قاتل

تون ڪهڙا ڦورا ڦوليندين؟
تون ڪهڙا پيرا ڳوليندين؟
هُو سونهن جا قاتل، سرت جا قاتل،
پيار جا قاتل، پرت جا قاتل،
مهڪ جا قاتل، مرڪ جا قاتل،
مڌ جي هرهڪ سرڪ جا قاتل،
سهڻي هر صورت جا قاتل،
ماڻهوءَ ڇا؟ مورت جا قاتل،
فهم، فڪر ۽ فن جا قاتل،
درد پري ڌڙڪن جا قاتل،
نينهن جا قاتل، ناز جا قاتل،
سوز جا قاتل، ساز جا قاتل،
رقص جا قاتل، گيت جا قاتل،





www.sindhsalamat.com

سونھن پرئي سنگيت جا قاتل،
روح، ذھن ۽ دل جا قاتل،
مرڪن جي محفل جا قاتل،
جيون جي ھر راز جا قاتل،
عشق سندي انداز جا قاتل،
ٻاراڻين ٻولين جا قاتل،
پوتين ۽ چولين جا قاتل،
ھرڻي، ڪونج ۽ ڏيل جا قاتل،
چمبيلي، رابيل جا قاتل،
ڪوئل جي ڪُو ڪُو جا قاتل،
خوشين ۽ خوشبو جا قاتل،
چاھت، چين، چمن جا قاتل،
پيو تہ نھيو پر امن جا قاتل،
سنڌوءَ دجلہ، نيل جا قاتل،
سي ئي ٿِئي قنديل جا قاتل،
سي ئي ٿِئي قنديل جا قاتل.

***

خوبصورت ماڊل قنديل بلوچ جي قتل تي لکيل نظم.





## ڏات اسان ج ي ڏيھہ جِي ديوي

ڏات اسان جي ڏيھہ جي ديوي!
مون وٽ جنھن پل ايندي آن تون،
ڌرتيءَ جي ھڪار ڪٽي،
۽ سانگيئڙن جي سار ڪٽي،
۽ پورھئي پيارَ ـ پَچار ڪٽي،
نينھن نئين سان نواڻ ڪٽي،
۽ سونھن ڪٽي، سرھاڻ ڪٽي،
۽ خوشين جي ڪا ڪاڻ ڪٽي،
ڪي چاھت چاھت چنگ ڪٽي،
ڪي روح جي راحت رنگ ڪٽي،
ڪي سوچن ـ سونا سنگ ڪٽي،
ڪن تہ اتم انسانن جا،
۽ آزاديءَ ــــ پروانن جا،
۽ ڌرتيءَ جُنگ جوانن جا،
ڪي ٻول ٻڌائي ويندي آن تون،
مون وٽ جنھن پل ايندي آن تون.
ڏات اسانجي ڏيھہ جي ديوي!

***





www.sindhsalamat.com

## يار مجيد جي نانءُ

تولحد سان جيئن ئي لاتو لڏِي، چڻ شھر - خموشان روئي ڏنو،
سڀ نيڻ ڪڪر ٿيا ساوڻ جا، ھر شخص ڪرب مان روئي ڏنو.
پرياٽ پکين جي ٻولين ٿي، ڪي گيت غمن جا جھونگاريا،
ءِ موذن جي لفظن پڇري ٿي، آذان چوڻ سان روئي ڏنو.
سي آتا منھنجي آجيان لاءِ، اڄ بند ڪفن ۾ پاڪر ٿيا،
ڪيئن ساءُ اڇي پئي سات منجھان، ھر دوست مھربان روئي ڏنو.
ھر ڳل تي ڳوڙھن رم جھم ڏئي، تون ائين اچانڪ وئين بہ ھليو!
اڄ تنھنجي وفا جو ذڪر ڪري، ھر دل آ پريشان روئي ڏنو.
دوستيءَ جي مقدس خوشبو ڪِي، اي دوست! دفن ٿيندي تہ ڏسو!
ڪنھن سڏڪي مون کي سڏ ڪري، ياڪر ۾ مون سان روئي ڏنو.
البم ۾ تنھنجا فوٽو پيل، ايئن جھير جگر کي ڏئي ويندا،
مون کي تہ منا آ ايئن لڳو جڻ وقت پشيمان روئي ڏنو.
تربت تي گلن جي صورت ۾، اڄ لڙڪ لھوءَ جا دل ھاريا،
اي دوست! عمر لاءِ الوداع تو "نواز" وڃان مان روئي ڏنو.

**

پنھنجي پياري دوست عبدالمجيد ڏاھريءَ جي وڇوڙي تي لکيل نظم.





## وادِي جو پٽ واڍو ٿيندو

ھڪڙو ننڍڙو ٻالڪُ آھي،
جو اسڪول پڙھڻ تو چاھي،
سندس پيءُ ھڪ واڍو آھي،
وٽن وڍڻ ۾ ڏاڍو آھي.
"غربت" جنھن جي "گھر جو پاتي"،
خواھشن آڏو تڪي ڪاتي،
پيءُ کان جيئن موڪل گھري ٿو،
اسڪول پڙھڻ لئہ منت ڪري ٿو،
پيءُ انھيءَ کي چئي ٿو، ننڍڙا!
منھنجا پيارا پيارا پچڙا!
پڙھي ڪھڙو افسر ٿيندين؟
انجنيئر يا ڊاڪٽر ٿيندين؟
جي پورھئي کي اپنائيندين،
تون بک جي باھہ وسائيندين،
ڏاڏھن کان وني بابھن تائين،
توکان تنھنجي پوين تائين،
آ پنھنجي لئہ دستور اھو،
"وادِي جو پٽ واڍو ٿيندو".
پيءُ سندي ھيءَ ڳالھہ ٻڌي،
چپ چاپ چڏي تو لڙڪ اگھي.

***





www.sindhsalamat.com

## تون ئي تون

يا خدا!
هُو فقيرِي چوغي،
سُلفيءَ جي سُوٽي،
۽ رت ـ هاڻين اکين سان،
موالين جا ولرَ پاڙي،
ڏيھ اڱيان پاڻ کي عابد، عارف ۽ مجذوب سڏائيندڙ،
نقلي صوفي.
هُو دعائن جا اگھ مقرر ڪندڙ،
۽ درگاھ جي آمدنيءَ تان وڙھندڙ،
گادي نشين جا لاڏلا،
۽ هُو پاڙي وارِيءَ مسيت جو "صحتمند" ملان،
مون کي تنھنجي ذات جو "منڪر" ٿا سمجھن.
تن کي ڀلا ڪھڙي خبر؟
تہ "پيار" جي پاڪ لفظ،
رنگ برنگي گلڙن جي پنکڙين،
وڻن ۽ ٻوٽن جي گؤنچن،





سرنھن جي پِيلن،
نازبوءِ جي نيرن،
۽ ڪنول جي خوبصورت گلن،
پرھ ويلي پکين جي ٻولين،
ڪوئل جي ڪوڪن،
تتر جي تنوارن،
مورَ پکيءَ جي پڇ جي کنڀن،
پوپٽ جي پرن،
جُھڙَ جي بوندن،
انڊلٺ جي رنگن،
آڪاش جي ستارن،
سنڌوءَ جي لھرن،
صبح جي هوا جي تازگيءَ،
کنھن قلندر جي بيخوديءَ مان کيل رقص دوران وڄندڙ.
ڇيرين جي ڇم ڇم،
تنبور جِي تان ... تان ....،
سنگيت جي سپني سرن،
پٽ ڏٽي جي بيتن،
ڪتابن جي ورقن،
معصوم ٻارڙن جي مسڪراهٽن،
۽ هن ديس جي سانورين، سلڇڻين،
اڄ جي موملن، مارئين، سھڻين، سسئين ۽ سورٺن،
جي نوخيز نيڻ ۾،
مون کي "تون ئي تون" نظر ايندو آهين.





www.sindhsalamat.com

# پٽر جي شڪايت

يا خدا!
تون ئي ٻڌاءِ،
خوبصورت ماڻهن جي،
سنين اندر،
دل جي جڳهه،
تون هتان رکيل،
پٽر جي شڪايت،
ڀلا ڪنهن سان ڪجي!؟





# سائين محمد ابراهيم جويو جي نانءُ

يا خدا!
هُو جو ادب جي اڀ جو سدا جرڪندڙ سورج آ،
جنهن جي روشنيءَ سان سوين ستارا،
جڳمڳ جرڪندا ٿا رهن،
هو جو ساهت جي چمن جو سدا بهار آ،
جنهن جِي هيڪار صدين جي سرحدن تائين ٻ،
قيد ٿيڻ جي نہ آ،
جنهن جي هڳاءَ سان،
منهنجي ديس جي گلي گلي مهڪي رهي آ.
هُو ادب جي ميدان جو اهو شهہ سوار آ،
جيڪو پنهنجي ارادن جي اجهل گهوڙن جي سنبن هيٺ،
ڏاڍ، ڌڪاءَ ۽ جهالت کي،
بي رحميءَ سان لتاڙيندو،
هر ويل منزل طرف وڌندو ٿو رهي،
جڏهن انڌيرن جا همراز "چمڙا" ۽ "چيرا"،
ماحول کي مقامن ۽ مساڻن سمان،
بنائي رهيا ها،





www.sindhsalamat.com

تڏهن هيءَ انڌيرن جي قوتن سان اٽڪي پيو هو،
۽ هاڻ،
سندس وارن جِي "چاندي"،
سنڌ جي نئين نسل وٽ "سون" کان وڌ مان لهي ٿي.
۽ سندس ذات،
باغي نسل لاءِ روشني جي لاٽ آهي،
۽ ايندڙ صبح ڏانهن ويندڙ واٽ آهي.

يا خدا!
هن جي جذبي کي نت نئين جلا ۽ جوت بخش،
هن جي آڱرين کي قوت عطا ڪر،
تہ جيئن ڪڏهن بہ ٿڪ جو احساس نہ ڏاري سگهن،
يا خدا!
هن جي قلم جِي مُس کي،
ڪڏهن بہ سُڪڻ نہ ڏجانءِ،
سندس زندگيءَ جو سورج
پنهنجي آب وَ تاب سان
سدائين جرڪندو ئي رهي.



چانهوڻ مٽان چنڊ

## هم خيالي

هُن جون منهنجون،
سوچون ساڳيون، سپنا ساڳيا،
خيال بہ ساڳيا،
حال بہ ۽ احوال بہ ساڳيا،
روز پنهي جي ذهن ۾ پيدا .
ٿيندا آهن سوال بہ ساڳيا،
جن جا روز جواب ٿا ڳوليون،
شعورَ، سمنڊ ۾ اٿندڙ ڇوليون،
پيڙا ڏين ٿيون، پور بہ ڏين ٿيون،
سَچُ تہ ڪيئي سُور بہ ڏين ٿيون،
جن سان من وندرايون ٿا،
۽ پاڻ کي جڻ پرچايون ٿا،
روز ملون ٿا،
روئون، کلون ٿا،
ايئن وقت گذاريون ٿا!
بس ايئن وقت گذاريون ٿا!!





www.sindhsalamat.com

## خودڪشي

دوستو!
اوچتو ئي اوچتو،
توهان جي پڌو،
ته زندگيءَ جو ڏيئو،
ڏيئي ڦوڪ مون پاڻ آ وسائي ڇڏيو،
ته تعجب نه ڪائجو،
ڇو جو.
جنون ـ محبت ۾،
جدائيءَ جو.
هر دور ۾ اهو ـ
آهي انجام ٿيو.





## سنگتراش

يا خدا!
مون کي سنگتراش بنائي ڇڏ،
روح جي گهراين ۾ رهندڙ،
جنهن پرينءَ جي پرتوي کي،
منهنجي اندر جون اکيون،
هر ويل ڇمنديون ٿيون رهن،
مرمر جي پٿر سان،
ان محبوب جو خوبصورت مجسمو بنائي،
پنهنجي ڪمري ۾ سجائي ڇڏيان.
جيئن ـ
منهنجون هيءَ ظاهري، هي ويران،
هي اداس، هي بدنصيب اکيون،
اينديءَ ويندي،
هر ويل جنهن جي،
چرنن ۾ پنهنجي،
نگاهن جون مڪڙيون،
پيتا رکڻ جو،
شرف حاصل ته ڪنديون رهن.



www.sindhsalamat.com

## نئين دور جو لقمان حڪيم

ياخدا!
مون کي توفيق عطا فرماءِ،
جيئن مان نئين زماني جو،
"لقمان حڪيم" بڻجي وڃان.
۽ اهڙي "دوا" ايجاد ڪري سگھان،
جنھن جي واپرائڻ سان،
محبوب ماڻھن جي دلين ۾،
"جفا جو ڪوڙ جراثيم" باقي زنده نہ رهي،
۽ رنج، رسامن، جداين ۽ بيوفاين جي بيمارين جي پاڙ،
هميشہ هميشہ لاءِ پٽجي وڃي،
جيئن تنھنجي دنيا ۾،
رڳو "پيار ئي پيار" پلجندو رهي.





## ذات جون ذياتيون

ياخدا!
مون کي مجاز جي مچ ۾،
ڪندن ڪري ڇڏ،
جيئن منھنجي ذات جون ذياتيون،
خواجہ فريد ۽ حمل فقير جي،
تسلسل کي،
برقرار رکي سگھن.





www.sindhsalamat.com

## چنڊ جي چاهنا

ياخدا!
چڪور ٻنجي منھنجون اکيون،
جنھن "چنڊ" کي چتائي ڏسنديون رهنديون آهن،
ان کي،
منھنجي نگاهن جي نور کان،
ڪڏهن به اوجهل نه ڪجان.





## چند ٽڪن جي قيمت

يا خدا!
چند ٽڪن کي،
ايڏو به قيمتي نه بناءِ،
جو زخمي ديس جي،
چچريل وجود تي،
پَها رکندڙ هٿ به،
وڪامجي وڃن،
۽ ساٿيھ سان گڏ،
انسانيت جو زنده ضمير به سڏڪي پئي.





www.sindhsalamat.com








جفا جي شھر مان گذري، ڪيئي گلفام ساڙي ٿو،
انھيءَ رنگين موسم جِي، مسافر شام ساري ٿو.

ٻٽيون جو چؤڪ ھڪڙي ۾، صفا ڀئي با وضو اکيون،
چمڻ سان نيڻ سجدڙي ۾، مليا انعام ساري ٿو.

گلابِي شام ۾ جرڪِي، صراحيون چا تہ مھڪيون ھون!
ڪوي پرڪيف محفل ۾، چپن جا جام ساري ٿو.

پرھ ويلِي مٿر جنھن تان، فضا ۾ سر پکيڙيا ٿي،
ٿتل طوفان ۾ وڻ جِي، چتون سا لام ساري ٿو.

اڃن نيٽن اڃھامڻ پل، تلا۔شيا ٿِي ڪڪر اُڀَ ۾،
ڇڏيندي ديسَ، ڏرتيءَ کي، ٿري گگدام ساري ٿو.

ڇڏي ڪيئن عڪس اٿمٿ ويا، حسين يادن جا جيون ٿِي،
رڃن ۾ رڻ پٽن ۾ ڄِي، ٿيا گمنام ساڙي ٿو.

لکي ڪجھ شعر ڪارڊ ۾، وڏئين پٽيون گلابن جون،
نہ ورتس عيد تي ڪنھن سِي گھڙيون ماتام ساري ٿو.

”نواز“ آچون نگاھن جون، تولئہ ڀاڪر بہ آتا ھا،
اُھِي خوشبو ڀريا پل ۾، اکين ـ انعام ساڙي ٿو.

❋❋❋





www.sindhsalamat.com

آ جواني گذاري، غمن ڳٽتين ۾،
مگر پئي نہ گهاري، غمن ڳٽتين ۾.

ڪوهين ڏُور خوشيون، چڙهي ٿي رواني،
هي جيون — سواري، غمن ڳٽتين ۾.

اجا درد دل ۾، پيو روز پلجي،
عجب بيقراري، غمن ڳٽتين ۾.

ڏٺو چنڊ آئي، ۽ وئي عيد گذري،
اُڌاري سڌاري، غمن ڳٽتين ۾.

پريںءَ لئہ پياسا، سدا نيڻ رهيا،
ڏني جا بہ ڏياري، غمن ڳٽتين ۾.

هي ذلت جي ساگر جي موجن ۾ ڪشتِي،
آ بيروزگاري، غمن ڳٽتين ۾.

نديءَ جو ڪنارو ۽ تنهائي، لهرون،
متان رات ڪاري، غمن ڳٽتين ۾.

هو ڪهڙو بہ ماضي، ڪجي ياد ڇا ڇا؟
ايئن عمر گهارِي، غمن ڳٽتين ۾.

لِڪايون ڇو لوڪان، "نواز" عشق پنهنجو؟
نڀائي سين ياري، غمن ڳٽتين ۾.

***





دلڪش لمحو، جاڳي ٿو پيو،
هيڪل رستو، جاڳي ٿو پيو.

لوڪ متان آ چپ جِي چادر،
سُرُ ۽ سڏڪو، جاڳي ٿو پيو.

پُرندڙ پت جي اوٽ اڪيلو،
لٽڪيل نقشو، جاڳي ٿو پيو.

اجڙيل جيون، پيڙا پل پل،
ساٿِي سڏڪو، جاڳي ٿو پيو.

رات ۽ قبرون، خاموشي، چنڊ،
ڪتبو ڪتبو جاڳي ٿو پيو.

مندر ۽ هي آس، عقيدت،
دل جو ڏيئو جاڳي ٿو پيو.

اُڏوهيءَ، ڪاچ ڪتابن، ڪايا،
صفحو صفحو جاڳي ٿو پيو.

ننڊ پريںءَ جِي ناز نسورو،
سپنو سپنو جاڳي ٿو پيو.

***





www.sindhsalamat.com

پرين چمپا چهرو، نگاهه نُورَ، ڏارا،
سڀ سونهن ساکي، ڪتيون، چنڊ، تارا.

اکين سان چمڻ آ، عبادت ازل کان،
سنڌءِ ديس منظر، پرين کان به پيارا.

ڇڏي مورُ رقص آ، ڊکي ڊيل ڏي پيو،
کيا وَرَ کي وينگس، اکين جا اشارا.

هُو مڪلي، هُو منڇر، هُو موهن، هُو چانهون،
ڪٿا گيت ساري، سنڌوءَ جي سمبارا.

سچل ۾ سچائي، سچاڻپ ٿا سمجهون،
درازا ۾ دم دم، رُڳو نينهن ــ نارا.

نئين دورَ جو نئون، تماچي ڪو گهرجي،
سڄي جيئن ڪينجهر ٿئي گندريءَ ـ گذارا.

لڙيو سج لڪيءَ تان، وريا ڏڻ وٿاڻين،
صدائون ڄي سَن جون، ڪٿي سي ڪيڏارا!

اها مامَ سمجهڻ، مُلن کان مٿي آ،
اناالحق جا نعرا، صدين کان سگهارا.

پٽائيءَ ــ تنبورو، دعا ٿِي پيو آ،
ٿين ديس دنيا جا آزاد سارا.

***

نارا: نعرا





اتر مُرڪيو پشم جهڙا، فضا ۾ سنگ جهومن ٿا،
پرين جڻ پيارَ پنهنجي جا، سمورا رنگ جهومن ٿا.

ٻڏو سورج وريا ڏڻ پئي، ٻُريا پڙلاءَ پهاڙين ۾،
سمائجي کل سماعتن سان، ٽليون ۾ چنگ جهومن ٿا.

وٽن سان نانءُ سهٽيءَ جو، ڪيو محسوس ميهر ٿئي،
رڳي درياءَ ڇا منظر، ۾ ٻيلا، جهنگ جهومن ٿا.

پريان ٻاجهر جي کيتن جي، موهي ٿو ڳوٺ جو منظر،
شفق ۾ بيد مشڪن تي، ٻگهن سان ڪنگ جهومن ٿا.

ايئن هي درد جيون جا، آيا ارپڻ اوتارن کي،
اهي مستيءَ جا متولا تہ پئندي پنگ جهومن ٿا.

ڪٿان ڪو گيت ڇا گونجيو، پڄي پيا بند نيڻن جا،
وري ورهين وڇوڙن جي وڇن جا ونگ جهومن ٿا.

***





www.sindhsalamat.com

پرھ جي هير ۾ مهڪِي، جوڀَر جا سنگ جاڳن پيا،
هوءَ آ سپنن هندوري ۾، رليءَ جا رنگ جاڳن پيا.

گجري گل، مٽين، موتين، ۾ وارن واس خوشبو سان،
سڳيءَ جي سونهن، سجنيءَ تي، نرالا ڍنگ جاڳن پيا.

جداين جاڳ جا قصا، صدين جِي ساک ٻڌجي ويا،
سهڻي ميهار سارينڊي، هي ٻيلا، جهنگ جاڳن پيا.

هُو گهوڙي سوار آڏيءَ جو، مَٿِي بستي ويچاري ٿو،
جتن جِي جُوءِ آ لاشڪ، چڙا ۾ چنگ جاڳن پيا.

حياتيءِ، پُور ٻيڙيءَ جو، وهي آخر وهي ويندي،
مهاڻيءَ ۾ جوانيءَ جِي، وڄن جا ونگ جاڳن پيا.

منو محبوب مرليءَ سُرُ، سندس هو ساٿ جوڳين جيان،
وڇوڙي، نانگ وحشيءَ جا، ڏهاڙي ڏنگ جاڳن پيا.

***





پيڙا جو بنواس گذاري، عشق سڏيو تہ هليو آيس،
الميا سڀ ارمان وساري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

محرومين جِي موسم آڇيا، لڙڪن جا سؤ تحفا ليکن،
سندر سپنن ساپيا ساري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

آتو اجل هو آجيان لئہ پر، پيارن ساٿ ڇڏڻ نہ گهريو،
موت ـ خواهش ننڊ سمهاري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

ٽوليون ٽوليون من منڇر تي، آڙيون ٻنجي گيت لٽا ها،
سي ورقن تي سڀ اُتاري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

ڪنهن جِي ياد ۾ جاڳي تڙپِي، جگنوءَ جهڙا گيت نہ لِک،
سوچَ، صلاحون ساڙي ٻاري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

تخليق رُني ڏَسِ ڪيئن مجايئي؟ ڪنهن تہ پڇا ڪئي ڏَسٽو پيو،
مُرڪ پِيا ٿي ڏات نکاري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

گل تي برسيل شبنم ٿا جيئن، پوپٽ پي مدهوش ٿين،
سرڪ چڏي آ سونهن پِياري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

پيشانيءَ تي بنديا جهڙا، شعر لکي بہ "نواز" اداس!،
اهڙا ڀي پل ڪوڙ گذاري، عشق سڏيو تہ هليو آيس.

***





www.sindhsalamat.com

ڏسو! عشق ۾ ٿيو چريو پيو وڃي،
۽ جهولي غمن سان ڀريو پيو وڃي.

اُتان مس آ موٽيو، گهٽائڻ لئہ غم کي،
ڏسو! مئڪدي ڏي، وريو پيو وڃي.

متان مينهن آڏي ۽ هانءُ ڦاڙ ڇوليون،
اهو عشق آ جو، ترِيو پيو وڃي.

جدائيءَ ۾ جلندي ۽ پڇندي پرين لئہ،
اندر آڳ ساڙيو، ٻريو پيو وڃي.

مورت مندر جي چا چاٽي تہ وِلهہ ۾،
مري ويو ڪو ڏيئو ٺريو پيو وڃي.

قلم، ڪاپي، سگريٽ، شيشون دوا جون،
ڇڏي شعر يادون، مريو پيو وڃي.

مئا ڍور رڃ ۾، ڪي چونئرا نہ رهيا،
۽ روئندو پڪي ڏي ٺريو پيو وڃي.

***





\

ايئن اُجڙي صفا وڃبو، نظارن اڳ نہ سوچيو هو،
پرهہ امبر بہ ڇڏٽو آ، ستارن اڳ نہ سوچيو هو.

وفا وارن سڏن جي لئہ، پٽڻ جا بند در ٿيندا،
پڙاڏا ٿِي اچي لهنديون، پڪارن اڳ نہ سوچيو هو.

نئين ڪان نئون نشو موڪِي، اوتيندي مئہ ۾ نيٽڻ جو،
سخا آ پرَ بہ ڏاريندي، متارن اڳ نہ سوچيو هو.

سموري ڏيهہ ڪي رڃ جو، ايئن چا ڏيک ڏسٽو هو!؟
سڪي مجبور سنڌوءَ جي، ڪنارن اڳ نہ سوچيو هو،

ڇڏي آگم اچڻ ڏيندو، سڪي صحرا ۾ جلندا وڻ،
ڪڏهن تڙپي بہ مرندا ڏڻ، ڏنارن اڳ نہ سوچيو هو.

هوا، خوشبو، گلابي رت، جفا دوزخ ۾ دلڙي آ،
"نواز" ايئن بہ ٿيڻو هو! بهارن اڳ نہ سوچيو هو.

***





www.sindhsalamat.com

جڏهن گيت گجرا ٿي، سجيا واسينگ وارن ۾،
اُهي رنگين راتيون هون، وڏي هئي چمڪ تارن ۾.

جڏهن ڪان من جي صحرا ۾، ڪتا ها درد جا خيما،
تڏهن ڪان نُور نيڻن جي، ٻري ويو ڪو نظارن ۾.

اسان جا خواب خوشبو ٿي فضائن ۾ ڦهلجي ويا،
انهن جي مهڪ سان معطر، رَسِي رنگت بهارن ۾.

دنيا کي ڇا خبر سائين؟ اسان جي پيڙا پڇرڻ جِي،
سمايل درد ڪيڏو هو، ٻَڏنِ، ٿڪن، قطارن ۾.

اسان مرڪن جون پنکڙيون، وکيريون جنهن ۾ چرنن ۾،
انهيءَ ذات جِي ديويءَ، ڏني شهريت آ يارن ۾.

دنيا وارن کي ڏئي دوکو، ڪلون ٿا ءِ ڪلايون ٿا،
اسان جي من جي ماتم جو، ناهي شڪ ڪو پيارن ۾.

خدا يا! تون بہ عاشق آن، اسان پڻ عشق ۾ گم سم،
وڇوڙا ڏئي بندا چالئہ؟ رلايئي ريگزارن ۾.

رٺل هئي ننڊ نيڻن کان، مليو ڪل وقت شعرن کي،
“نواز” نينهن جاڳيل هو، رڳو يارن جي سارن ۾.

***



چانھوڻ متان چنڊ

اسان جو نانءُ شل پرينءَ چپن تي، اداس موسم جو گيت بڻجي،
صدا گذاريل سندر گهڙين جِي، سُرنِ سندو ڪو سنگيت بڻجي.

اوهان سان گهاريل حسين لمحا، اسان جي جيون جِي جوتِ رهندا،
پرين! آ پرچڻ اوهان وساريو، رسڻ اوهان جِي ٿي ريت بڻجي.

جتي نہ نفرت ذرم ٿي پلجي، جتان ٿي بارش وسي محبت،
ٻڌايو دل کي خدا جي گهر جنيئن، مندر جُڙي يا مسيت بڻجي.

حَسين يادن جي منظرن ۾، اوهان جون اکيون نمايان رهيون،
پرين جي هڪڙو ڪو پل بہ وسرو، ڪڏهن نہ ڪافر ڪُريت بڻجي.

خدا گهريو جي ملي بہ وڃبو، اڃان مقدر جدايون جاني!
اسان سميٽيو شڪستہ دل کي، اوهان جي هر جاءِ جيت بڻجي.

ڪٽي لڻي اڄ وري بہ آهي، حَسين ڳهاون جا شام تحفا،
ڪڏهن بہ قاتل خواهشن جو، خدا ڪري ڪونہ ميت بڻجي .

اُجاڙ رستن جي رڃ سفر ۾، اڪيلو ڪيسين “نواز” ويندين،
خوشيون نہ مليون تہ درد ئي ڪڻ، سفر ۾ ساٿين پريت بڻجي.

***





www.sindhsalamat.com

گذاريل عشق ـ گھڙين جو، اجا ساڳيو اثر آھي،
وھي ڇا پيو پيلا دل ٿي، زمانو بيخبر آھي.

اجان آس، اميدن جي، صفا بنجر بڻي ڌرتي،
اجا مرڪن ميلاپن جو، ڀري ڪيڏو ڪڪر آھي.

خدا يا! عشق جو رتبو، ڪيئي بيشڪ بلند بالا،
مگر محبوب ـ سينن ۾، رکيو ڇو تو پٿر آھي؟

حياتي: غم وڇوڙي جو، پڇاڻي: خودڪشي ٿيندي،
اسان جيون سندو خاڪو، بڻايو مختصر آھي.

اجا مڪڙيون تمنا جون، ٽڙن ھا ٿھڪ ٿي ليڪن،
خزان ڪي دل ڄي بستيءَ جو، وري جاڳيو فڪر آھي.

اجا ھن شھر جي موسم، نه ڇو "نواز" لئه بدلي!
ھوا دردن ڀري جاري، اجا ھر پل پھر آھي.

***





پروڪين عشق ـ گھڙين جو، اجا ساڳيو خمار آھي،
اجا تائين اکيون آتيون، اجا دل بيقرار آھي.

وري محبوب کو مکڙو، ويو ٿي ڏور نيڻن کان،
وجون ھر روز تا ليڪن، سجي بلڪل بزار آھي.

سمورا امن محبت جا، گھٽيا ويا سُرَ بيدرديءَ سان،
ھِتي مقدس گھرن مان چو؟ ڦٽي نڪتو ھٿيار آھي.

پرينءَ جي پاڪ پيشاني، پسڻ اکين ـ عبادت ھئي،
مگر وادي وفا جيءَ ۾، جدايُن ـ ڪوھسار آھي.

جھالت جو ھتي دستور، اجا منصور! ساڳيو آ،
اظھارِ عشق جرم بڻيو، نئين فتوا تيار آھي.

اسان يادين جي مستيءَ ۾، رھون مدھوش تا اڪثر،
بنا ڪنھن مئه ۽ ساقيءَ جي، طبيعت پُر ـ بھار آھي.

حوَس جي ور چڙھيل لاشو، پيو جيجل جي جھوليءَ ۾،
خدايا! اڄ جي واعظ ٿي، ڪيڏي وحشيت سوار آھي.

وري ڪي تلخ لھجن جا، ڪتا خنجر جڏھن دل ۾،
"نواز" ھي نيڻ چلڪي پيا، وري تڙپيو پيار آھي.

***





www.sindhsalamat.com

اجا دردن جي موسم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي،
اجا تائين منهنجي غم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي.

پرين ڪعبو، پرين قبلو، جهڪي نيڻن ڪيو سجدو،
اجا چاهت جي سنگم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي.

نمن جي پور ڪان نازڪ، ڪنول گل ڪان به ڪونئرو آ،
اجا هن پيار – پونم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي.

سيئي رستا خلائن جا، لتاڙي چنڊ تي پهتو،
عجب آدم جي عزم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي.

عجب آپيت جو دوزخ، ڪرڻ تي رقص مجبور آ،
اجا چم چم جو ترنم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي.

ٻٽي دل درد جو شعلو، حياتيءَ ميڻ پگهري پئي،
"نواز" نيڻن جي رم جهم جو، ٻڏو سورج پرين ناهي.

***





هيڏو سارو ڳوٺ لتاڙي، پريمي جوڙو نڪري ويو آ،
ڳالهه هُلي وئي اوڙي پاڙي، پريمي جوڙو نڪري ويو آ.

رسمن جي چڪيا تي چاڙهي، ڪنوارا جذبا عمر سموري،
ڪير ڀلا ايئن سڏڪي ساڙي! پريمي جوڙو نڪري ويو آ.

بندوقن جي ٻاهه تي نوسي، ڪاريءَ رات ۾ پيرا ڪنهن جا،
جهريل جنڊڙي لڙڪ تي لاڙي، پريمي جوڙو نڪري ويو آ.

ٻيجا پابندين جي سامهون، موت به ڪائي ڪيڏ لڳي ٿو،
خطرا ڪٽندي موقعو تاڙي، پريمي جوڙو نڪري ويو آ.

يا ته اسان جي سوچ سُڄي هئي، يا ته زمانو پاڳل - خانو!
ڀڻ ڀڻ ڪئي پئي رات ڪُراڙي، پريمي جوڙو نڪري ويو آ،

"نواز" نينهن جا نازڪ ناتا، تن جو تقدس رهي سلامت،
سپنن رُتِ ۾ سوچ سلهاڙي، پريمي جوڙو نڪري ويو آ.

***



www.sindhsalamat.com

چاهہ ۾ چنچل اکيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا،
چنڊ، تارن سان ڪتيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

رات ويڙهيون وِلهہ چڳون، درٻي اڃا ٺڪ ٺڪ نہ ٿي،
پوءِ بہ نيڻن ڏياتيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

جنهن ڪي نہ منهنجي چاهہ ڄي، سنگهرن ڪيو سوگهو ڪڏهن،
پوءِ بہ هي موڳيون مَتيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

اڄ بہ راڳڻيءَ ــ سار، اپ تي، دردن سندا سرگم لُٽيا،
سازَ، سُرَ ۽ راڳڻيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

تصور پرين جو پيو ٽٽي، شڪستہ دل مصور ٿَڪو،
برش، رنگ ۽ آڱريون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

اڄ جو راوڻ راڄ پڻ آ، رِسڪ سيتا ـ رام ڪارڻ،
هر ڳِهٽي گهر روشنيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

سپنن جا گلدستا پڃي، جهومي اٿي تنهنجي آنا،
رات تون هي هڏڪيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا!

هُو شڪستہ دل سميٽي، آ، رُڃَ جو راهي ٿيو،
دَرَ، دريون، گهر جون پٽيون، ڪنهن لاءِ ٿيون جاڳن اڃا.

***





الاءِ ڇو؟ من ج ۾ ي ماتم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ،
اوهان طرفان مليل غم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

اسان جي من جي آڳر تي، هلي آئي پلي آئي،
ڇريءَ جي ڇير ڇم ڪان، دنيا اڻ ڄاڻ بڻيل آ.

سدا نيڻن جي وستيءَ ۾، رهي ٿي مند سانوڻ ڄِي،
اڃا هن عشق آگم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

لڇي، تڙپي، جلِي، سڪ مان، پريائين سوز گيتن ۾،
تنهن راڳڻيءَ راز ـ سرگم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

حسين چهرا الاءِ ڇا ڇا؟ لٽي ويا وحشي واڇوڙا،
۽ خالِي دل ڄي البم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

پرينءَ ڄِي پاڪ پيشاني، چمڻ اکين ـ عبادت هئي،
ڪويءَ ڄي ذوق ــ زم زم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

گناهہِ عشق ۾ گم ٿي، ڪمائي ڪفر ٿو دل جو،
انهيءَ محشر جي مُلزم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

هي خودڪش دور جو عيسيٰ بہ دهشت جي نذر ٿي ويو،
مسيحي مرڪ ــ مرهم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

وري ڪنهن ياد ـ سرحد تي، ڪُتو خوابن جي بستيءَ ۾،
پرين ان پيار پرچم ڪان، دنيا اٽڃاڻ بڻيل آ.

***





www.sindhsalamat.com

اندر ۾ يادن جا ديپ ٻاري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين،
اکيون ٿيو آگم اوهان کي ساري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين.

ٻڏيو هو لنڪا شهرِ جفا جت، اداس من ڪان ڪو رام وِڇڙيو،
ستيا ٻڏي دل ساڙي نهاري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين.

اکين جا ڏيئا ٻريا ها راتيون، ڦٽاڪا جذبن سندا ها ڦاٽا،
ڏٺو ٻڏو هو جو شهرَ ساري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪيا سين.

ويران من جون هي وارتائون، ڪوئي بہ ڄاڻي سگهي نہ ها پر،
چڙيو نہ پيچو صبح جي تاري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين.

وچن ۽ واعدن سنديون مٺايون، ڏيڻ وٺڻ جو ويو وقت گذري،
سارَ ـ مٺڪدي مان پِي پياري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين.

ملي سپن تي ڏنيون واڌايون، تڙپيا ها پاڪر پرين پڙي هو،
انهيءَ ڪي من ۾ چمي ويهاري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين.

"نواز" نيڻن جي بارشن جِي، ڪڏهن مقرر نہ ٿي ڪا موسم،
ڪٺن جدائيءَ گهڙيون گذاري، اسان بہ ڏياريءَ جشن ڪياسين.

❊❊❊





سموري گفتگو جنهن جي، غزل جو روپ ورتو هو،
انهيءَ جي بيرخي ڪنهن پل، اجل جو روپ ورتو هو.

مٽر خوشبو ڪا سپنن جِي، اوتِي سين اک، صراحيءَ ۾،
سدا تنهن سارَ نيڻن جي، ڪجل جو روپ ورتو هو.

سموري شهر جي جاسوس، نيڻن ڪَئي چَٽُرَ دل تي،
تڏهن بيوس اڪيليءَ دل، بدل جو روپ ورتو هو.

پٽائي! تنهنجي هر آيت، پڙهي جنهن جنهن پروڙي هئي،
ذڪرَ ڌرتيءَ ۾ ماڻهن جِي، نفل جو روپ ورتو هو.

هوا جِي هوڏ تِي هرڪي، چڱن جون نانگٽيون نچيون،
نگاهن ناز مان الجهي، بڪل جو روپ ورتو هو.

خدايا! تنهنجي دنيا ۾، اسان لئہ صرف تنهايون!
وري محبوب رشتن پڻ، قتل جو روپ ورتو هو.

قلم ڪنبيو پنو پرزا ٿيو، موهن ڪلپنا هٿ ۾
جڏهن حالات جي وحشيت، عمل جو روپ ورتو هو

سموري شهر جا رستا، ڪُتا ساڌوءَ جي ست سنگ تِي،
جهنگل جي جهوپڙي تنهن پل، محل جو روپ ورتو هو.

❊❊❊





www.sindhsalamat.com

اکين ۾ سونهن ـ سپنن سان، ڪوئي گلفام رهندو آ،
پريـن ۽ جي نانءُ جو هر پل، چپن تـي جام رهندو آ.

اسان جي دل ڪـلـسيا ۾، فـقط مورت صـنـم جِـي آ،
اسان جي سـوچ تـي حاوِي، پـريـن ۽ جو نام رهندو آ.

حُسن جي مئڪدي مان جن، پره ڇاڙهي ڇُڪي چپ تي،
انـهن جي لـئـه امـرتـا جـو، حسـيـن انـعام رهـنـدو آ.

سٽن ۾ مُرڪ، سڏڪن ۾ اندر جي ڪل سچاين سان،
سجـي تـخـليـق پـنـهـنجـيءَ ۾، نارائڻ شيام رهـندو آ.

سموري شهر ۾ جنهن جي، وفائن جا قصا گونجيا،
ٽُـتـي مـحـبـوب ڪـان اڪـثـر، اهـو گـمـنـام رهـنـدو آ.

جـنـون، عشـق ۾ جـيـڪـو، صـفـا پـاڳـل ويـو بـنـجـي،
وري بـہ تـہ بـيـوفـائـيءَ جـو، مـٿـس الـزام رهـنـدو آ.

دکن دردن ۾ جهومي ٿا، جلي ڏين روشني جڳ کي،
انـهن جـي مـن جـي مـنـدر ۾، چـون ٿـا رام رهـنـدو آ.

صفا چمپا جو گل ڇهرو، چمڻ کي ورهيہ ويا گذري،
اڄ بہ انتظارن جي خوشبو سان "نواز" آرام رهندو آ.

***





هي بـرفـن جـي پـنـل رت ۾، انـدر چـو آڳ پـڙڪـي ٿـي،
جدائي تنهنجي او جاني! اسان تي قهر ڪڙڪي ٿي.

هي وهـمـن جـي سـمـنـدر ۾، پـڏي ٿـي نـاوَ سـپـنـن جـي،
مـگـر ڪـا آس آنـچـل تـي، فـراقـن ۾ بـہ ڦـڙڪـي ٿـي.

زهر گـهـڙيـون جـدائـيءَ جـون، سفـر هـو پـلـصـراطـن جـو،
رڙي ڪـو روح تـڙپـي ٿـو، ڇـري ڪـا دل بـہ ڌڙڪـي ٿـي.

تـمـاشـو لـوڪ لـئـہ ٿـيـاسـين، خدا پـي خـود رهـيـو ڏسـنـدو،
وفـا ڪـائـي صـلـيـبـن تـي، صـفـا تـي لاش لـڙڪـي ٿـي.

رقـيـبـن سـان بـہ رلـمـل تـي، بزم ۾ مـرڪـنـدي گـهـاريـو،
"نـواز" آ دل يـا آوي آ، ٻـري ڪـامـي تـي ڀـڙڪـي ٿـي.

***





www.sindhsalamat.com

جنون رُتِ جون رقابتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!
اسان تي گذريون قيامتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

جڏهن بہ نيڻن جي برپتن تي، وتو وڇوڙو آ ميڻهن بنجي،
الاءِ تہ ڇو بس شڪايتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

پرهہ جو ڪينجهر ڪنڌيءَ مهاڻِي، اڏاٽا پنڇي تڪي ۽ سوچي،
هل! هي هيڏيون عنايتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

دلين جو ڏڙڪڻ اکين جو ڦڙڪڻ، وساريو سڀ ڪجهہ آ، زر ضرورت،
هي حسين ـ جيون مراعتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

جهاڳي جهنگل هو سوچيو سڌارٿ، ”حيات غم جو اکٿ سمنڊ آ“،
سوگرُو، گروءَ جون حقايتون سڀ اسان وساري ڇڏيون پيارا!

نديءَ ڪنڌيءَ تي ڪارنار وهنجِي، اُڏائي ڦٽگيون چنڊبنيدي چوٽو،
هوڏيءَ من جون حماقتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

سپيتا ـ سينو لتاڙي لشڪَر، اسان ڪان جن جن ڪسِي شناخت،
ڪيون جي مسلط ثقافتون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

اهي ئي چنچل ادائون جن تي، ها مست پنجئي حواس پنهنجا،
”نواز“ نينهن ۾ نفاستون سڀ، اسان وساري ڇڏيون پيارا!

***





اداس موسم اوجاڳا ارپيا، آرام ڪو پل نہ اکين ڪيو آ،
پرينِ پڇاڙا خواهشين ڪي، اسان بہ دل ۾ دفن ڪيو آ.

اسان تہ من جِي مندر ويهارِي، حسين صورت جِي مورتِي آ،
پرينءَ سواءِ ٻي ڪبي نہ پوڄا، چريءَ دل هي وچن ڪيو آ.

هي رونقن جا جو روپ اجڙيا، ويران من جو ٿيو شهر آ،
اوهان جو موڙيو آ منهن جڏهن ڪان، تہ ڏاتِ گيڙو ڪفن ڪيو آ.

هزارين موسم جا رنگ بدليا، ٽڙيا نہ ڪي پر گلاب مَنَ ۾،
اوهان جي ارپيل جدائي گهڙين، اداس من جو صحن ڪيو آ.

جڏهن بہ نيڻن جي بارشن مان، ڪري وضو آ نماز جوٽي،
اسان آ ڇاتو خدا ڪي ويجهو، پرين پرين، من، بدن ڪيو آ.

جڏهن ڪان ٻوٽيئي دوار دل جا، ڪڏهن نہ پلجي نهاريئي پٽ تي،
ڪڏهن نہ ڪنهن سان ذڪر اسانجو، اوهانجي پلجي چپن ڪيو آ.

”نواز“ نيڻن جا ٻوتِ در ٻئي، سميٽي سوچون سمهار جواني،
نہ موت وِس نہ سڪون حاصل، سفر سمورو ڪٽن ڪيو آ.

***





www.sindhsalamat.com

نديءَ ۾ شور هي ڪيڏو! ڪنارا ڪجهه تہ سمجهايو،
وري سهڻي پڏي چا ڪا! ستارا ڪجهه تہ سمجهايو.

هوا اڄ رات سُوست ۾، پڪاريا گيت چو غم جا؟
وري ڪنهن خودڪشي سوچي؟ خداراڪجهه تہ سمجهايو.

اسان جي دل سندي بستي، ڪيسين پڙپانگ پئي رهندي ؟
ڪيسين نظرون ڦيري رهندئو؟ پيارا ڪجهه تہ سمجهايو.

هي برفن جي پنل رُت ۾، اندر چو آڳ پڙڪي پئي؟
ڪاڏي پوهن جا پارا ويا؟ سيارا ڪجهه تہ سمجهايو.

ڪيسين "نواز" پنهنجي ڪان، اجا دوريون تنهنجون رهنديون؟
انائون ڪُل ڪڏهن ٽُٽَنديون؟، آنارا ڪجهه تہ سمجهايو.

❊❊❊



چانھوڻ ۽ مٽان چنڊ

چمي پرين جو حسين چهرو، نگاهہ ماڻيو ثواب آهي،
خوشين جا نغما چڙي پيا جڻ، رڳن ۾ رون رون رباب آهي.

اجا تہ يادن ڪليون ٽڙن ٿيون، اجا تہ من جو اڱڻ ٿو مهڪي،
پرين جي نالي سُرور بخشيو، چپن کي جامِ شراب آهي.

ڪيم تمنا جڏهن پسڻ جِي، اکين ڪان اوجهل رهيو خدا جيئن،
ڪڏهن جي سامهون اچي ويو بي رخين جو هن کي نقاب آهي.

حسين سپنن خمارُ- مُند ۾، ڪڏهن نہ سوچيو ڪٿن گهڙين لئہ،
تڏهن جُدا ٿي جلي جيئڻ سان، پتو پيو چا عذاب آهي.

ڪڏهن تہ منهنجون گهريل دعائون، خدا جو مقدس وجود چمنديون،
ڪڏهن تہ دورين جو داد ٿيندو، ٽڙيل تمنا – گلاب آهي.

چون سمورا ٿا دوست ان ڪان، اجا نہ وسري سگهيو "نواز" آن،
چون ٿا توکي لِکي هو ڏسندو، اجا بہ عالي جناب آهي.

❊❊❊





www.sindhsalamat.com

اسان خواب پوکيا، اکين جي صحن تي،
گهٽا ساپيا جِي کا برسي نہ تن تي.

صفا اوپرا ٿي انهيءَ لئہ وياسين،
لکيو ناڻءُ ٿي جنهن حِنا سان هٿن تي.

سَلو چو وفا جو کو اُسِريو نہ تن مان؟
چميون جي بہ پوکيون گلابي چپن تي.

کيون ناڻءَ جنهن جي، اسان کل سچايون،
انهيءَ لوڙ پرکيو جفا جو ڦٽن تي.

لَٽيو لاش ترسڙ اجايو "نواز" آ،
رڻل ناهہ اچٽو کفن ۾ دفن تي.

***





قبول آهن اسان کي سپ، پرين الزام محبت جا،
ثمرُ جيون سموري جو، فقط کي جام محبت جا.

جنهن جي نيڻن سنديون چميون، ٻٽيون جياپو ٿي جيون جو،
وڇوڙي جا ڏنا تنهن کيئن، انعام اکرام محبت جا.

نماڻي دل اسان جي آ، جهڃي پوندي جهري پوندي،
مٿان ڇيڙيو اسان آڏو، قصا ناڪام محبت جا.

ڇهي شهريت جي سورج کي، ڏئي دستک دلين تي ويو،
سندس قولن جي قيمت تي، لڳن ٿا دام محبت جا.

سدا نيڻن ۾ ساجن ج ۽ي، مکو مقدس مدينو آ،
جُهکن ٿا ڳاٽ اُتِ اوچا، ٻڌي احرام محبت جا.

رڳي خط کي، ٻہ ٿي البم، کتاب ۾ شعر اٽپورا،
کويءَ جو کل هو سرمايو، فقط کي نام محبت جا.

کنهن جي روين ۾ لهجن سان، ٽُٽِي ٿي تند رشتن جي،
صفا اٽجاڻ ٿيو سپنا، وڃن بي نام محبت جا.

کڏهن پرچم ٿي شهريت جا، وفا وستيءَ تي ڦڙکياسين،
"نواز" اڄ يادگار آهيون، مگر گمنام محبت جا.

***





www.sindhsalamat.com

هو تہ لڇندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو،
نيڻ اگھندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو.

سارَ وڇڙيل سندا، ڏيھہ ٿي پيو ڏيئا،
شعر لکندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو.

يارَ! سپنن ـ گھٽيون، چڙ تہ کنڌر بڻيون،
روح رلندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو.

ڏات تڙپي لڇي، سورَ سرگم بڻيا،
نينھن نچندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو.

نينھن ٿي پيو اجل ۽ نديءَ ۾ بي کفن،
لاش لڙھندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو.

ها دکي دل مٿان، واءُ وڇوڙي سندو،
خوب گُھلندو رهيو، چنڊ ڏسندو رهيو.

***





هن دل جي حالت تي، اختيار رهيو ناهي،
جنھن دل ۾ پلبو هو، ات پيار رهيو ناهي.

هو سُرَ ۾ گڏي سڏڪا، تنبور تي تڙپيو پئي،
جو ڏار کڏهن غم کان، فنڪار رهيو ناهي.

هر روز ڪتابن سان، الماريون سجائي ٿو،
خود ڪنھن بہ ڪھاڻيءَ جو ڪردار رهيو ناهي.

بارش جي نذر ٿيا ٿيو، مصور جو ڪچو گھر هي،
ويا رنگ سيئي وڪري، شھڪار رهيو ناهي.

هر ڏينھن ’نواز‘ ڏنا ڪيئن گھاوَ جدايئن جا،
تہ بہ نينھن نڀائڻ کان، انڪار رهيو ناهي.

***





www.sindhsalamat.com

راتيون گهائين روح اسان جا، ڏينهن بہ ناهن گهٽ ڏمر کان،
جيون آ تندور پچون ٿا، شڪوا ناهي تہ بہ مقدر کان.

تنهن وقت سمورو لهو جسم جو، لڙڪ اکين مان ٿي وهندو آ،
چند ئي لمحن جي لئہ جيڪر، پرين ٿين ٿا دور نظر کان.

پوپٽ جهڙي نازڪ منهنجي پيار جو ٿيو احساس نہ هن کي،
يارو! واقعي مان پاڳل هان، پيار گهريو مون سو بہ پٿر کان.

لڙڪ ۽ مرڪ ويا سڀ گم ٿي، محرومين تي مڪمل مات آ،
چو تہ دعائن ۾ دم ناهي، خالي سي بلڪل بہ اثر کان.

مسجد، ڪعبو ڪاشي ڇا هي! منهنجو من آ مندر جنهن ۾،
ڪنهن جي ياد جا گهنڊ گڙن ٿا، آجو ڪن ٿا دين، ڪفر کان.

سونهن، سڪون برابر سيڪجهہ، دولت پوءِ بہ وڏي ئي وٿ آ،
بک جي نانگ جو ڏنگ ڏکيو آ، سڀ وڏي شيءِ ڪنهن بہ ثمر کان.

جيسين تنهنجو ساٿ 'نواز' آ، هي حياتي گلشن رهندي،
ٻي صورت ۾ هي جيون، ڪنهن ريت نہ هوندو گهٽ قبر کان.

❋❋❋





آهون، لڙڪ سِسڪيون، ڪٽي رات ايندي، مگر مان نہ هوندس،
پرين پاند تنهنجا، خوشي پئي ڀَريندي، مگر مان نہ هوندس.

پکي لات لنوندا، اذان بہ ٻُرنديون، انهن کان بہ اڳ ۾،
گهلي هير مون کي، صبح جو سڏيندي، مگر مان نہ هوندس.

ڪچهريون بہ ٿينديون، گونجي گيت پوندا، بهارون بہ اينديون،
ڪنهن جي بي چئي دل، نہ شايد مچيندي، مگر مان نہ هوندس.

پره مرڪ جي ڪا، ڪنهن جي مُکَ تي شايد، وري ڪانہ ڦٽندي،
ڪاري رات ڪنهن کي، وري ڏنڀ ڏيندي، مگر مان نہ هوندس.

وڇوڙي ۾ واڪا، ڪندي ڪونج ڪائي، وطن ڏانهن ورندي،
سندس ڪُٽڪَ ڪنهنجو، جگر چِڙ وڍيندي، مگر مان نہ هوندس.

ڇُپ چاپ اداسي، ڳوڙها جام ڳل تي، ڏسي مان نہ سگهندس،
اڪيلائي ڪنهنکي بہ، ڪائڙ تہ ايندي، مگر مان نہ هوندس.

\ڇَري جهنگ جهرمان، وري ڏڙ بہ واپس، ٿيندا شام ويلي،
تڏهن بانسري روح، ڪنهن جو ڦٽيندي، مگر مان نہ هوندس.

ٽُٽي ساٿ ويندو، سڄي زندگيءَ جو، تہ هڪ ڏينهن آخر،
اگهي لڙڪ خاموش، ٿي نيٺ ويندي، مگر مان نہ هوندس.

73



www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book







علي نواز ڏاهري خوشي نصيب شاعر آهي ته هن جو ڳوٺڙو سڪرنڊ ۾ چانهوءَ جهڙي قديمي ۽ تاريخي ماڳ جي پير ۾ آهي، چانهوءَ جي دڙي بابت هن جي شاعري عالمي قدرن جي پاسداري ڪري ٿي، آئون غزل ۽ نظم جو شاعر آهيان، پر مون جڏهن علي نواز ڏاهري جو نظم ”جنوني حڪمرانو! جنگيون نه ڇيڙيو“ ٻُڌو ۽ پڙهيو ته مون کان رڙ نڪري وئي ته ”بيشڪ هر پوين ايندڙ پهرئين کان زور هوندو آهي“. علي نواز جو اهو نظم جيڪڏهن اردوءَ ۾ لکيو وڃي ها ته اردو ادب جا ترقي پسند هن کي ساحر لُڌيانويءَ جو لقب ڏين ها، آئون دعويٰ سان چوان ٿو ته سندس اهو نظم جيڪڏهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي ٻاهرين مُلڪن تائين پهچي وڃي ته سندس اهو نظم امن جي موضوع تي شاهڪار تخليقن ۾ شمار ٿي سگهي ٿو.

سچ پُڇو ته علي نواز ڏاهريءَ جي هيءَ شاعري پنهنجي فن ۽ فڪري گهرائيءَ جي لحاظ سان انتهائي داد ۽ مڃتا جي لائق آهي. سچ چيو اٿن ته: ذات پنهنجي اظهار ۽ ارپنا جي لحاظ سان پنهنجي مرضيءَ جي پاڻ مالڪ ۽ خودمختيار هوندي آهي.

**عبدالحڪيم ”ارشد“**
سڪرنڊ